# اکر اکر عشق

شاعر:

غلام حسين "مشتاق" سچاروي

سرواٽ پبليڪيشن

سچاروي هائوس، A-11 جي او آر ڪالوني
حيدرآباد، سنڌ

# اڪرُ اڪرُ عشق

شاعر:

غلام حُسين ”مُشتاق“ سجاروي

سروات پبليڪيشن
سجاروي هائوس، A-11 جي او آر ڪالوني
حيدرآباد. سند

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | اکر اکر عشق |
| شاعر | : | غلام حسين "مشتاق" سچاروي |
| ڪمپوزنگ | : | سخاوت علي جتوئي03003067747 |
| ٽائيٽل | : | اسد الله پنهور |
| پروف ريڊنگ ۽ | | |
| ٽائيٽل ڪئليگرافي | : | فيض محمد پتافي سڪندري |
| پرنٽرس | : | پاڪيزه پرنٽنگ پريس، حيدرآباد |
| تعداد | : | 1000 |
| ڇاپو | : | پهريون |
| سال | : | 2012ع |
| قيمت | : | 150 روپيا |

**ملڻ جو هنڌ :**

سرواڻ پبليڪيشن A_11 جي.او.آر ڪالوني، حيدرآباد، سنڌ

---

فون : 022_2101267

موبائل : 03009371724

# مهاڳ

## سُور ۽ ڇار. . . .

جهڙي طرح گلن ۾ گلاب جو گل، ميون ۾ سنڌڙي انب، پکين ۾ مور، جانورن ۾ شينهن، اهڙي طرح ادب ۾ شاعري ۽ شاعري ۾ غزل جو مقام آهي. عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ غزل مقبول ترين صنفِ ڪلام آهي. اڄ به غزل ڳائڻ وارو جڏهن پنهنجا سُر وکيري ٿو ته محفل کي وجد ۾ آڻيو ڇڏي ڪافي، لوڪ گيت، بيت ۽ دوهيڙن جي به پهنجي چاشني آهي، پر جيڪا غزل ۾ محويت موج ۽ مستي سمايل آهي سا پنهنجو مٽ پاڻ آهي. غزل عشق و محبت جو ڀرپور اظهار سوز و گداز جو بحرِ بي ڪنار، وفا ۽ جفا جو اڻ کٽ ڪارزار آهي. هونءَ به شعر ۽ شاعريءَ جو تعلق شعور سان آهي. شاعري اندر جي امنگن اڌمن ۽ جذبن جو لڙي ۾ پوتل لفظن ۾ اظهار جو نالو آهي. جهڙي طرح وينجهار هيري لال جي پرک ڪري ۽ انهن کي ترتيب وار قطار ۾ آڻي هڪ دلڪش مالها ۽ هار ٺاهي ٿو اهڙي طرح شاعر به جڏهن پنهنجي آس پاس ڌانهن نظر وجهي ٿو ته قدرت جا مناظر، سونهن ۽ سوڀيا جا نادر نمونا، دلڪش ۽ من موهيندڙ نظارا ۽ دک ۽ درد جا دلگير داستان، سمنڊ جي موجن، دريا جي ڪُنن ۽ واءُ جي واچوڙن وانگر سندس اندر ۾ آندماند آڻي ٿا ڇڏين. جن کي هو پنهنجي ٻوليءَ جي چونڊ ۽ تاثير سان ڀريل لفظن جو روپ ڏئي بحر ۽ وزن جي مالها ۾ پوئي، انهن جو اظهار ڪري ٿو ته اهو اظهار شاعري ٺهيو وڃي ۽ اها شاعري جنهن ۾ ٻولي ۽ جذبن جو ڀرپور اظهار هجي ۽ وري هجي به غزل جي رنگ ۾ ته پوءِ ان شاعري جو پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ ڪنهن سٺي سريلي غزل ڳائيندڙ جي ڳائڻ سان جو سمان پيدا ٿئي ٿو ان جو رڳو تصور ئي ڪري سگهجي ٿو.

مان پنهنجي شاعري مان ڪجهه غزل گڏ ڪري اوهان جي آڏو "اکر اکر عشق" جي نالي سان پيش ڪري رهيو آهيان. هن ڪان علاوه نعتيه ڪلام جنهن ۾ حمد باري تعاليٰ ۽ نعت النبي ﷺ شامل آهن. "موتي مٽيادار" جي نالي سان اشاعت جي مرحلن ۾ آهي. باقي نظم، مخمس، مسدس رباعي، ڪافي ۽ قطعا وغيره تي الڳ ڪتاب زير ترتيب آهي. اردو فارسي، عربي ۽ سرائڪي شاعريءَ جو مجموعو بہ الڳ تيار آهي جو عنقريب اشاعت پذير ٿيندو. منهنجي ڪوشش رهي آهي تہ لفظ ۽ ٻولي جو صحيح استعمال هجي. بحر ۽ وزن جو استعمال بہ درست ٿئي ۽ ان سان گڏوگڏ خيال ۽ بيان جي ندرت ۽ اندر جي آواز جو اظهار بہ نمايان هجي ڇو تہ شاعري ۾ جيڪڏهن نئين انداز ۽ رنگ سان خيال ۽ بيان جي چاشني موجود ناهي تہ پوءِ اها قافيہ پيمائي جو نالو آهي. يقيناً هر غزل ۽ بند ۾ نئون خيال تہ آڻي نٿو سگهجي پر هر خيال کي نئين رنگ ۾ پيش ڪري ان کي پرڪشش ۽ دلپذير بڻائي سگهجي ٿو. انهيءَ جادوگريءَ کي شاعريءَ جو نالو ڏجي تہ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو. عربن جي شاعري ۾ تہ رزميه شاعريءَ جو هڪ الڳ مقام هو. ميدان جنگ ۾ شاعر جذباتي شعر پڙهي جنگ ۾ نئين جان پيدا ڪري ڇڏيندا هئا. پري نہ وڃو اسان جي پنهنجي ملڪ ۾ سال 1965ع واري انڊيا پاڪ جي جنگ دوران ڪيل شاعري کي ڏسون تہ ان پوري قوم جي ماڻهن توڙي جنگي جوڌن ۾ ڪيترو نہ اعليٰ جذبو جوش ۽ جنون پيدا ڪري ڇڏيو. هر دور ۾ شاعريءَ جو سحر موجود رهيو آهي. جهڙي طرح مرليءَ جي ڌن نانگ کي نچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي، اهڙي طرح سوز ڀريل شاعري بہ انسان جا هوش خطا ڪري ڇڏيندي آهي.

خداوند ڪريم جي اڻ کٽ خزانن مان جدا جدا ماڻهن کي

جدا جدا نعمتن سان نوازيو ويو آهي. ڪن کي اهڙو ته حسن ۽ سونهن سوڀيا ڏني اٿس جو انهن کي ڏسندي ئي من موهجي پوي ٿو. ڪن کي سريلي ۽ ميٺاج ڀرئي آواز جي نعمت سان نوازيو ويو آهي. ڪي علم ۽ حڪمت جي ذات جا ڏڻي آهن ته ڪي جسماني قوت ۽ سگهه سبب دنيا ڀر ۾ مشهور آهن. شاعري به اهڙي طرح خدا جي ذات آهي، اها هڪ وهبي نعمت آهي، جنهن جو نڪار علم تجربي ۽ مشاهدي سان ٿئي ٿو. پر شاعري رڳو ڪسبي ڪمال نه آهي. جيڪڏهن شاعري وهبي نه پر رڳو ڪسبي آهي ته پوءِ اها اهڙن ڪاغذ جي گلن واري گلدستي وانگر آهي، جنهن ۾ ظاهري زيب زينت ته موجود آهي پر حقيقي خوشبوءِ کان خالي آهي. جيڏو وڏو شاعر آهي ان جي شاعري ۾ اهي تمام خوبيون اوتريون اتم موجود آهن. هن جي شاعري جو هر لفظ بي بدل آهي، ان جي ڪنهن به لفظ کي بدلي نه ٿو سگهجي، پر دنيا جا سڀ شاعر وڏا شاعر نه آهن. ننڍ وڏائي ته قدرتي قانون جو اڻ ٽر جز آهي. پر ايترو ضرور آهي ته هر هڪ قلمڪار جي ڪاوش علم ادب جي ميدان ۾ ڪجهه نه ڪجهه (Contribution) حصيداري ضرور آهي. جيڪا علم ادب، ٻولي ۽ ثقافت کي لڳاتار دائم ۽ زنده رکندي اچي. ان ڪري اسان سڀني جو فرض آهي ته اهڙين ڪوشش ۽ ڪاوشن جي همت افزائي ڪندا رهون ۽ سندن تخليق کي پڙهندا رهون ته جيئن اها شمع هميشه هميشه روشن رهي ۽ هڪ ڏئي مان ٻيو ڏيو روشن ٿيندو رهي. پر جيڪڏهن اسان اهڙن انمول ڪتابن کي خريد ڪري پڙهڻ جو سلسلو سست ڪري ڇڏيو ته پوءِ يقينن پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي زنده جاويد رکڻ ۾ ناڪام ٿينداسون. منهنجي هي ڪوشش به انهيءَ روشني کي اڳتي وڌائڻ ۽ گهر گهر پهچائڻ جي

سلسلي ۾ هڪ ڪڙي آهي. مون پنهنجي فرض جي بجا آوري لاءِ جو ڪجھ ڪيو آهي، اُن مان "اکر اکر عشق" اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. اوهان جي پسند ۽ قيمتي راءِ ئي منهنجو سرمايو آهي.

والسلام

اوهان جو پنهنجو
**غلام حسين "مشتاق" سچاروي**
A_11 جي.او. آر ڪالوني، حيدرآباد سنڌ

26 ڊسمبر 2011ع

# سنڌي ٻولي ٽيم

اڄ سينڌ ڪڍي يار ڪيا وار آڌو اڌ.
هر وار سان دل منهنجي ڪٽي ڌار آڌو اڌ.

نيڻن مان نشي جي ٽا ڌيو مون کي ملامت.
زاهد بہ هُيو مون سان گنهگار آڌو اڌ.

مون ڌانهن ملڻ جو آ مُڪو يار نياپو.
بيمار جي دل تان آ لٿو بار آڌو اڌ.

غزل جا هي دلچسپ شعر، سنڌ جي معروف شاعر محترم سائين غلام حسين "مشتاق" سچاروي صاحب جا آهن. ڪجھ وقت اڳ حيدرآباد ۾ هڪ ادبي پروگرام دوران سدائين وانگر ساڻس ملاقات ٿي پر هن پيري پاڻ ملندي ئي چيائين تہ "آئون پنهنجي غزلن جو مسودو توهان ڏانهن ڏياري موڪليندس. اُن تي ضرور لکي موڪليندا". مون کيس عرض ڪيو تہ "سائين! اوهين اسان کان گھڻو سينيئر ۽ ڄاڻو آهيو آئون ادبي دنيا ۾ هڪ شاگرد آهيان. تنهنڪري اها ڳالھ ڪنهن ٻئي ڄاڻو شخص کي چئجي تہ بهتر ٿيندو". پاڻ وري بہ حُج ڪندي چيائين تہ "آئون مسودو ڏياري موڪليندس توهان ضرور لکي مون کي ڏياري موڪلجو". مون کيس وري بہ جهليو هو پر ڪجھ ڏينهن کان پوءِ سندس خوشخطيءَ ۾ لکيل مسودي جي فوٽو ڪاپي اچي مون کي ملي. سندس غزلن جو مجموعو "اکر اکر عشق" جنهن ۾ سندس جملي غزل آهن. شروعاتي ڪجھ غزل پڙهي وري بہ سوچيو تہ کيس عرض ڪري چوندس تہ

ڪنهن ٻئي سينيئر ۽ ڄاڻو شخص کان اُن تي لکرائي ته سُٺو ٿيندو. ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن وري به مسودي جا ورق ورايم ته سندس متئين غزل تي نظر پيم. سندس غزل موضوع، ٻولي، سادگي، روانگي وغيره جي لحاظ کان مون کي ڏاڍو وڻيو. مشتاق سچاروي گهڻي زماني کان شاعري ڪندو رهيو آهي. سندس تجربو به وسيع آهي. مسودو وڏيڪ پڙهڻ سان دلچسپي پيدا ٿي. هونئن به سچائي ۽ سادگيءَ ۾ سُونهن هوندي آهي. غزل جي ته صنف ئي موضوع ۽ وصف وانگر نه رڳو وڻندڙ آهي پر دلچسپ ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. غزل جنهن جو موضوع هوندو ئي سُونهن، پيار، نزاڪت ، نفاست وغيره آهي، سو سنڌي ٻولي جي سونهن ۽ ميناج ۾ اچا به وڌيڪ سهڻو ۽ متو ٻڻجو پوي. محترم مشتاق سچاروي ته وري به ٻولي ۽ فن جي لحاظ کان به نيائيندڙ شاعر آهي. سندس صحافتي خدمتون پنهنجي جڳهه تي پر شاعري به گهڻي وقت کان ڪندو رهيو آهي. سو پاڻ پنهنجي غزل ۾ نيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ هيئن چوي ٿو:

يار منهنجي جي سنڌي ٻولي نيٺ،
ماءُ جنهن ۾ ڏني تي لولي نيٺ،
من نهاري نماڻا نيڻ ڪٽي،
ان جي آڏو جهلي آ جهولي نيٺ.

غزلن جي وصف وانگر مشتاق سچارويءَ جي غزلن جو موضوع ئي سونهن ۽ پيار آهي ۽ اها به هڪ حقيقت آهي ته مشرق ۽ اُن ۾ به خاص ڪري سنڌ ساٽيهه جي ماڻهن جو پيار، اُن جا قدر ۽ انداز ئي نرالا رهيا آهن. سچاروي صاحب جي شاعريءَ ۾ به اهڙو اظهار نظر اچي ٿو. هو پاڻ ئي پنهنجي هڪ غزل ۾ چوي ٿو ته:

محبت جا ميدان مشڪل نرالا.
هتان جا سمندر ۽ ساحل نرالا.
الڳ آهي الفت جو سارو نظام.
ادارا ۽ عالم ۽ فاضل نرالا.

اديب، شاعر ۽ تخليقڪار پنهنجي پنهنجي قوم جا ترجمان هوندا آهن. سندن ڪاوشن ۽ تخليقن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي تهذيب، ثقافت، احساس، اُميدون، ڪيفيتون وغيره لفظن، مصوري وغيره جي روپ ۾ اظهاريل هونديون آهن. جيڪي پڙهندڙ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ کي پنهنجو رنگ، سرور ۽ اثر بخشينديون آهن. سندن اهي تخليقون قومن جا دستاويز ۽ تاريخون به هونديون آهن. انساني حياتيءَ ۾ پيار به هڪ اهم موضوع ۽ وڏي دلچسپي آهي. توڙي جو پيار آفاقي هوندي به اُن جو تصور هر ملڪ ۽ قوم وٽ مختلف هوندو آهي. جهڙو اُتي، جو سماجي ڍانچو سماجي قدر اخلاقيات وغيره دنيا جي گهڻن ملڪن کان مختلف آهن تنهنڪري هتي اسان وٽ پيار جو تصور به مختلف آهي. هتي جي تخليقن ۾ اُن جي اُپٽار ۽ اظهار به ڪجهه مختلف آهي. سڄاروي صاحب جي شاعريءَ جو موضوع به سُونهن ۽ پيار آهي. سُرنهن به هتي جي ته پيار به هتي جو. مطلب ته قدر وغيره به سنڌ جا ئي آهن. چاڪاڻ ته سندس شاعريءَ جون سموريون وٿون هن ڌيهه جون آهن. سندس شاعريءَ ۾ نه غرور آهي نه هٺ آهي پر نياز ۽ نوڙت آهي. هو پنهنجي لاءِ ڪي به وڏيون دعوائون نه ٿو ڪري هو پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ چوي ٿو ته:

ماڻهو ته مون کي سمجهن ٿا پارسا مگر،
مون کي خبر آ پنهنجي عيب و ثواب جي.

منهنجي خيال ۾ جيڪو انسان اها حقيقت معلوم ڪري وٺي ٿو ته ڪيس اهو احساس سچائيءَ سان ٿئي ٿو ته هُوند انساني سماج ۾ وڏي تبديلي اچي وڃي. سچارويءَ جي شاعريءَ ۾ اهڙيون ڳالهيون موجود آهن، جيڪي اسان جي نوجوانن کي ضرور سمجهڻ گهرجن.

مشتاق سچارويءَ جي شاعريءَ جو هيءُ ڪتاب ”اکر اکر عشق“ جيڪو غزلن تي مشتمل آهي. اُن کي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته سندس غزلن ۾ گهڻو ڪري ٻوليءَ جي سلاست، چٽي ڳالهه/ حقيقت، عام فهم آهي. هن جي غزلن ۾ گهڻو ڪري ننڍا، مناسب ۽ وڻندڙ وزن موجود آهن. تنهنڪري سندس شاعري پڙهڻ سان بار محسوس نه ٿي ٿئي پر سڪون بخشي ٿي هن جي شاعريءَ ۾ مون کي جنهن ڳالهه وڏيڪ متوجهه ڪيو سا آهي غزلن جا وڻندڙ نج سنڌي رديف، جيئن: آڏو اڏ، اڻ ڪُٽ، گڏوگڏ، الڳ ويجهو منا سائين، نيٺ، نه پهه، سڄڻ وغيره. هي سڀ نج سنڌي ٻوليءَ جا رديف آهن. ۽ وري مشتاق سچاروي انهن رديفن سان نڀايو به واهه جو آهي اچو ته سندس شاعريءَ مان ڪجهه اهڙا مثال ڏسون:

هڪ جسم ۾ هڪ جان مثل پاڻ گڏوگڏ،
پنهنجو آ جيئڻ توڙي مرڻ هاڻ گڏوگڏ.

تسڪين ملي تنهنجي اچڻ ساڻ ٿي دل کي،
پر من ۾ رهي هجر جي مانداڻ گڏوگڏ.

نظر ڪڻ ته ڏڪڙا مٽي ويندا سڀ،
لڳل زخم دل جا ڇُٽي ويندا سڀ،

جڏهن جوش ۾ خلق آئي خدا جي،
اهي لوپي نوڳي لڪي ويندا سپ.

اهڙي ريت سندس غزل ۾ ڪي تشبيهون بہ اهڙيون آهن جيڪي نہ رڳو وڻندڙ آهن پر ڏيهي بہ آهن. جيئن غزل جي هيٺين شعرن ۾ استعمال ٿيل تشبيهون:

محبوب جي پيشانيءَ جو پگهر، خوشبوءِ ۾ ڪٿوريءَ کان سُرهو
ٿيا، عطر گلاب نہ موتيو مٽ، تون مشڪ ختن جي ڳالھ نہ ڪر.

پنهنجو آ جڙيل يار جنب روزِ ازل کان،
جيئن سنڌ سڳوريءَ سان هي مهراڻ گڏوگڏ.

سنڌي ٻولي ۾ غزلن جا ڪيترائي مجموعا اچي چڪا آهن. مشتاق سچارويءَ جو هيءُ مجموعو ”اکر اکر عشق“ هڪ واڌارو آهي. سندس هن محنت ۽ تخليق تي کيس آئون مبارڪون ڏيان ٿو. ڪو فرد يا تخليقڪار جيترو ۽ جهڙو ڏئي سگهي ٿو اوترو ۽ اهڙو کيس ڏيڻ گهرجي. اهو اُن جو فرض آهي. اُن سلسلي ۾ مون کي مشتاق سچارويءَ جون هي سِٽون جيڪي هن ڪتاب جي منڍ ۾ لکيون آهن سي سچ پچ ڏاڍيون سٺيون ۽ حقيقت لڳيون. هو لکي ٿو تہ ”ايترو ضرور آهي تہ هر قلمڪار جي ڪاوش علم ادب جي ميدان ۾ ڪجھ نہ ڪجھ حصيداري ضرور آهي (Contribution). جيڪا علم ادب، ٻولي ۽ ثقافت کي لڳاتار دائم قائم ۽ زنده رکندي اچي“. منهنجي خيال ۾ اها وضاحت ڪافي آهي. آخر ۾ سندس غزلن مان ڪجھ شعر هتي ڏجن ٿا. جيڪي ٻولي، فن ۽ فڪر جي لحاظ کان سُٺا، سگهارا ۽ توجھ طلب آهن:

عشق جي آ دنيا الڳ سپ کان،
سمجھ ۾ ڪنهن کي ڪنهن کي ايندي آ.

مان ڪهڙي ڪهڙي درد جو ڳولي ڪيان علاج،
دل کي رسن ٿا درد جا صدما نوان نوان.

گلن ڏي وڌياسين، ڪنڊن آجيان ڪئي،
تڏهن خار کي يار ناهڻ سکياسين.

اسان ڀنهي ۾ زمانا ڏٺئي ڪا ڪوتاهي،
تو آزمايو اسان کي هزار بار آهي.

تون رقيبن جي نگاهن کان لڪي ايندو ڪجاڻ،
پيا هجن سڀ بي خبر، هڪ تون هجين ٻيو مان هُجان.

راهزن آيا ڍڪي اڄ راهبر وارو لباس،
ملڪ جا محسن الڳ ۽ قوم جا قاتل الڳ.

ڏٺي هٿ ۾ هٿ قوم جي قاتلن سان،
شهيدن سان بيجا شرارت ڇڏي ڏي.

مون کي اُميد آهي ته محترم مشتاق سچارويءَ جي غزلن جو هيءُ ڪتاب ”اکر اکر عشق“ پڙهندڙن کي ضرور پسند ايندو.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

ڪراچي
3 آگسٽ 2011ع

.... عشق جا اهڃاڻ گڏوگڏ!

هڪ جسم ۾ هڪ جان مثل پاڻ گڏوگڏ،
پنهنجو آ جيئڻ توڙي مرڻ هاڻ گڏوگڏ.

تو ساڻ مَنا اهڙو اٽُم نينهن جو ناتو،
گل ساڻ جئين باغ ۾ سرهاڻ گڏوگڏ.

چمڪي ٿو چمن دل جو رڳو تنهنجي اچڻ سان،
جنهن ريت رهي چنڊ سان چانڊاڻ گڏوگڏ.

تسڪين ملي تنهنجي اچڻ ساڻ تي دل کي،
پر من ۾ رهي هجر جو مانداڻ گڏوگڏ.

جيئن مشڪ مُني منجهه لڪائي نٿو سگهجي،
عاشق سان ائين عشق جا اهڃاڻ گڏوگڏ.

پنهنجو آ جڙيل يار جنب روزِ ازل کان،
جيئن سنڌ سڳوريءَ سان هي مهراڻ گڏوگڏ.

محبوب رهيل روح ۾ آ اهڙي طرح،
پاڻي ۽ ٿيا پاڻ ۾ آلاڻ گڏوگڏ.

مون درد رکيا تنهنجا سنڀالي ائين دل ۾،
جڻ سون سان تي سون سندي کاڻ گڏوگڏ.

تون من جي سمندن ۾ ائين آهين سمايل،
جڻ موتي مٽيادار صدف ساڻ گڏوگڏ.

ممڪن نہ مچي جو آ جدا جر کان جياپو،
هر وقت هي ”مشتاق“ بہ توساڻ گڏوگڏ.

...... ديدار آڏو اڏ!

اڄ سينڌ ڪيڏي يار ڪيا وار اڏو اڏ،
هر وار سان دل منهنجي ڪئي ڏار اڏو اڏ.

نيڻن مان نشي جي ٽا ڏيو مون کي ملامت،
زاهد بہ هيو مون سان گنهگار اڏو اڏ.

مهتاب پکيڙي ٿو جڏهن وار ڪلهن تي،
ڪڪرن مان ٿيو چنڊ جو ديدار اڏو اڏ.

مون ڏانهن ملڻ جو آ مڪو يار نياپو،
بيمار جي دل تان آ لٿو بار اڏو اڏ.

ماڻهن کان لڪي محب ليو پائي ڏسن پيا،
هي پرده نشينن جي پليڪار اڏو اڏ.

جنهن رينت ڪري ناز سان ٿو نازنين نه نه،
انڪار جي اکرن ۾ پيي اقرار اڏو اڏ.

هُن نيم نگاهن سان وڌو موهي سڄو جڳ،
هي آهي اجان حسن جو اظهار اڏو اڏ.

ڪاوڙ ۾ اچي محب ڏنا مون کي مهڻا،
”مشتاق“ محبت جا هي آثار اڏو اڏ.

........ نيهن جا نشا اڻ کٽ..!

داستان دل جا دلربا اڻ کٽ،
پرت جا پنڌ پيچرا اڻ کٽ.

سور کهڙا سچڻ سَليان تو سان،
ٿيا محبت جا مامرا اڻ کٽ.

عشق جو آ سفر اٽانگو پر،
همتون عزم حوصلا اڻ کٽ.

ناهي مستي شراب جي ناصح،
نيهن نادان جا نشا اڻ کٽ.

ابتدا ۾ ته عشق هو آسان،
عشق جي آهي انتها اڻ کٽ.

بي وفا پل ڪري جفا تي جفا،
پر ڏبي موت ۾ وفا اڻ کٽ.

ٻاجھ جو آسرو اٿم ورنه،
منهنجي ڪاتي لکيل خطا اڻ کٽ.

ناهي "مشتاق" هڪڙو ديوانو
قرب تنهنجي ڳُنا مِٺا اڻ کٽ.

اسان جي گهر اڙي دلبر، هميشه ايندو ويندو ڪر.
اسان جو گهر آ تنهنجو گهر، هميشه ايندو ويندو ڪر.

متان سمجهين تہ بيگاهہ وقت هوندا بند دروازا،
کليل هوندو سدائين در، هميشه ايندو ويندو ڪر.

نڪي روڪي رکڻ وارو نڪي نالي پڇڻ وارو
نہ هوندو در تي ڪو نوڪر، هميشه ايندو ويندو ڪر.

رهي ٿو منهنجو من ماندو ۽ دل تولاءِ پئي تانگهي،
اکيون آتيون ڏسڻ خاطر هميشه ايندو ويندو ڪر.

جدائي جي گهڙي پل پل ٿو ورهين کان وڏي ڀانيان،
اڏايان ڪانگ ٿو هر هر، هميشه ايندو ويندو ڪر.

پلي وچ ۾ هجي دريا تہ دريا پار ڪرڻو آ،
تون سهڻي آهين مان ميهر، هميشه ايندو ويندو ڪر.

اگهائج عرض عاشق جو رهان "مشتاق" ٿو هردم،
متان مون سان ڪرين نهڪر، هميشه ايندو ويندو ڪر.

....هڪ تون هجين پيو مان هجان!

راتِ جي پوئين پهر، هڪ تون هجين پيو مان هجان،
پوءِ نہ ٿئي سهڻا سحر، هڪ تون هجين پيو مان هجان.

حال اوريندي گذاريون رات ساري پاڻ ۾،
پر نہ پئي پاڙي خبر، هڪ تون هجين پيو مان هجان.

تون رقيبن جي نگاهن کان لڪي ايندو ڪجانءِ،
بيا هجن سڀ بي خبر، هڪ تون هجين پيو مان هجان.

ملڪ ۾ موجود آهن هت هزارن ۾ حسين،
ڪر نہ ڪنهن بئي جي پچر، هڪ تون هجين پيو مان هجان.

پنهنجي پاڇي سان بہ دل جا حال مت اورين مٺا،
ماڻهو ناهن معتبر، هڪ تون هجين پيو مان هجان.

آيو قسمت ساڻ آهين رات رهہ "مشتاق" وٽ،
يَر وڇڻ واريءَ نہ ڪر، هڪ تون هجين پيو مان هجان.

..... مستان بي حد!

عجيبن جي اڪڙين جا احسان بي حد،
لکڻ ڪان قلم آهي نالان بي حد.

سجڻ تنهنجي شوخي تہ مشهور هئي،
مگر شوخ ٿيا ڻنهنجا دربان بي حد.

محبت جي منزل آ مشڪل ڪان مشڪل،
لڳي ابتدا ۾ تي آسان بي حد.

قصو حسن ۽ عشق جو ڪٿو ناهي،
لکن روز شاعر ٿا ديوان بي حد.

محبّت جو سودو نفعو ئي نفعو آ،
پلي ٿي وڃن هِن ۾ نقصان بي حد.

اسان آخري سمجهيو هر واعدو هو
پرين ٿو ڪري عهد و پيمان بي حد.

جتي شمع هوندي تہ پروانا ايندا،
ڪيا قرب تنهنجي بہ قربان بي حد.

محبت جو آهي مرض لا علاج،
بئي هر مرض جا ٿيا درمان بي حد.

هجي ڪو ڪو ماڻهو تو ماڻهو مثال،
نظر ٿا اچن توڙي انسان بي حد.

سنڀالي رکو هر قدم اهلِ عزّت،
ٿيا شهر ۾ شودا شيطان بي حد،

رڳو ناهي "مشتاق" مستان تنهنجو
خدا جي خدائي ٿي مستان بي حد.

محبت جا ميدان مشڪل نرالا،
هتان جا سمندر ۽ ساحل نرالا.

نہ قاتل جي سُڌ ۽ نہ مقتول جي سُڌ،
محبت جا مقتول قاتل نرالا.

الڳ آهي الفت جو سارو نظام،
ادارا ۽ عالم ۽ فاضل نرالا.

پڙهن ۽ پڙهائن اڪر عشق وارو
ٿين طالبِ عالم داخل نرالا.

غرض ڪنز قافيه قدوري سان ناهي،
سبق ٿا ڏين صاحبِ دل نرالا.

نہ حاجت هتي عقل ۽ هوش جي،
جنون جا ڪمالات ڪامل نرالا.

جزا ۽ سزا جو علحدو نظام،
عدالت ۽ آئين عادل نرالا.

اڪيون بند آهن نظر عرش تي آ،
عشاقن جا منزل مراحل نرالا.

نہ ڪر عقل سان پرک اهل نظر جي،
هتان جا ٿيا مير محفل نرالا.

ٻڏي موڙ مقتل ڏي ڪڏندا اچن،
هي "مشتاق" ماڻن ٿا منزل نرالا.

...... سمورا خزانا لُٽي ويو..!

سڄڻ خواب سارا سُهانا لُٽي ويو.
سخن جا سمورا خزانا لٽي ويو.

محبت کي مخفي رکڻ جو چئي،
لبن منهنجي تان چڙ ترانا لٽي ويو.

ڪِريو دل جي دنيا تي بجلي مثل،
عشاقن جا سڀ آشيانا لٽي ويو.

ڏنيون جنهن کي مون جيءَ ۾ جايون سڏي،
وچڙ وقت سڀ آستانا لٽي ويو.

ڪري روز مون سان ٿو وعدا نوان،
دنيا ۾ جا دلبر بهانا لٽي ويو.

هُئي هن جي اکڙين ۾ جادوگري،
نظر هڪ سان ديوانا دانا لٽي ويو.

گُٿو تير هڪڙو نه هن جو ڪڏهن،
نشان باز ڪان سڀ نشانا لٽي ويو.

محبت ۾ محبوب "مشتاق" جا،
اثاثا هيا عاشقانا لٽي ويو.

..... نگاهن جو نشانو ياد آ..!

يار پهرين رات جو سارو فسانو ياد آ،
هر گهڙي پرچڻ رسڻ وارو زمانو ياد آ.

مون ڪيو تاڪيد توکي هو ملڻ جي واسطي،
پر پيارا تنهنجي نهڪر جو بهانو ياد آ.

حُسن هوڪا ڏيندو آيو پر نہ پئي پاڙي خبر،
ڪيئن لُٽي ورتو صنم دل جو خزانو ياد آ.

ڪنهن شڪاري جي بندوقن ۾ نہ آ اهڙو اثر،
دل اُتي تنهنجي نگاهن جو نشانو ياد آ.

دل جي قرهي تان ويا ميسارجي سارا سبق،
تات تنهنجي جو مگر سارو ترانو ياد آ.

تنهنجي آمد جو ازل کان هو اکين ۾ انتظار،
مون اکين ۾ هو لڳايو شاميانو ياد آ.

عمر ساري وئي گلي تنهنجي ۾ گذري دلربا،
عاشقن جو هو اڏيل ات آستانو ياد آ.

دنيا پر ڪان موڙي منهن هڪڙي حبيب جي حبّ ۾
دل جو مون کولي ڇڏيو تولاءِ خانو ياد آ.

ٿو گهري "مشتاق" توکي جيءَ ۾ جايون ڏيڻ،
دل ٻڌائي موڪلي مون باردانو ياد آ.

...... لذت-دار جي کھڙي خبر!

جنهن کي سڌ ياري جي ناهي، يار جي کھڙي خبر،
پار وارن کي پلا، هِن پار جي کھڙي خبر.

دل جي ڌڙڪن جي حقيقت، جي نتا سمجهي سگھن،
تن طبيبن عاشق- بيمار جي کھڙي خبر.

زيب و زينت جي رکن خواهش هميشه ٿا حسين،
سونهن جي سرڪار کي، سينگار جي کھڙي خبر.

ٿا تين بِسمل هزارين تيغ ابرو جي طفيل،
عاشقن کي تير ۽ تلوار جي ڪهڙي خبر.

ٽُنهنجي وارن ۾ برهمڻ شيخ ٿئي آهن اسير،
تنهنڪري تسبيح ۽ زنار جي ڪهڙي خبر.

خشڪ زاهد تو ڪري مون کي ملامت پيار جي،
هن کي منهنجي پيار جي دلدار جي ڪهڙي خبر.

هرَ گهڙي واري گِهڙي سگهندي نہ سائر سير ۾،
ناهہ جي سهڻي جي سڪ، ميهار جي ڪهڙي خبر.

راز ٿا سمجهن اناالحق جو رڳو اهلِ نظر،
دار تي ناهين تہ لذتِ دار جي ڪهڙي خبر.

پارسا پيي عشق جي ميدان ۾ نچندا ڏنم،
بي خودي ۾ جبهء و دستار جي ڪهڙي خبر.

”لا ۽ الا“ جي خبر پڇ سرمد و منصور کان،
ٿئي کي هن انڪار ۽ اقرار جي ڪهڙي خبر.

محب ۽ ”مشتاق“ آهن پاڻ ۾ هڪ جسم و جان،
عام کي هن عشق جي اسرار جي ڪهڙي خبر.

## نغما نوان نوان!

ظاهر ٿين ٿا حسن جا جلوا نوان نوان،
اپرن ٿا روز عشق جا اڏما نوان نوان.

ڪنهن جي نگاهِ فيض جو تاثير آهي جو
رڳ رڳ مان ٿا وڄن اڄ نغما نوان نوان.

مان ڪهڙي ڪهڙي درد جو ڳولي ڪيان علاج،
دل کي رسن ٿا درد جا صدما نوان نوان.

همدرد منهنجا منهنجي ڪهڙي مدد ڪندا،
نروار ٿا ٿين هت فتنا نوان نوان.

ڏس ڪنهن جي ڪنهن جي ڳالهه تي مان پروسو ڪيان،
سامهون اچن ٿا هر هر چهرا نوان نوان.

مون دل جا زخم ڏوئي ڪئي مرحبا مگر!
دلبر وسايا پئي در ديرا نوان نوان.

روڪي سگهي نٿو ڪو منهنجي نگاهه کي،
پل پيو لڳائي پاڻ تي پهرا نوان نوان.

پنهنجي خيال ۾ ته ڪيم احتياط پر!
محسوس روز روز ٿيا خدشا نوان نوان.

ماري جياري روز ٿو ”مشتاق“ کي سڄڻ،
لکجي اچن ٿا منهنجا ڪتبا نوان نوان.

..... دردِ ڪُھن نوان!

هر وقت مه لقا جا وعدا وچن نوان،
دل کي ڏيان دلاسن جا تو ڪفن نوان.

گذري ٿي رات ساري اوسيئڙي يار ۾،
ٽڪجي پون ٿيون اکڙيون ڏوئي صحن نوان.

مان ڪنهن جي ڪنهن جي آڏو ڪيان پيش حال دل،
هر وقت محتسب ۽ ٿيا ممتحن نوان.

هن جي ٿي دم سان آهي گلزار زندگي،
آباد آرزو جا جنهن سان چمن نوان.

ماضي جي ياد يا رب آهي عذاب ڪيڏو
جنهن وقت تي پون ٿا دردِ ڪهن نوان.

مان ڪهڙي ڪهڙي زخم جي مرهم پٽي ڪيان،
تنهنجي نگاهہ ناز جا پيا تير زن نوان.

حاذق بہ دردِ دل جو ڪهڙو ڪندا علاج،
ٿيا مامرا محبت جا موجزن نوان.

زلفِ سيه جي قيد ۾ ڦيرو جوان اڳ،
ڦاسائيا شڪاري هي پيرسن نوان.

منهنجا غزل بہ تحفو آهن سڄڻ جي ياد،
سوچن جوئي صلو هي سارا سخن نوان.

ريجهائڻو آ نانگ کي مرلي جي ڌُن مٿان،
”مشتاق“ ساز سوز جا دل ۾ وڄن نوان.

...... واپس وڃڻ جي نہ ڪر!

رُسين ڇوتو راڻا رسڻ جي نہ ڪر،
ڏکي دل کي ڏکڙا ڏيڻ جي نہ ڪر.

اڱڻ آيو آهين پري پير پيارا،
تہ جلدي ۾ واپس وڃڻ جي نہ ڪر.

دلين کي دلين سان ملائڻ چڱو آ،
دلين کي دلين کان ڇنڻ جي نہ ڪر.

رخِ-يار ۾ آهي مصحف جو منظر،
ڇپن ساڻ تنهن کي ڇمڻ جي نہ ڪر.

گلن کان بہ نازڪ بدن گلبدن جو
گلن کي هٿن سان ڇُهڻ جي نہ ڪر.

جڏهن هڪڙي سان اک اڙائي اٿئي،
حسينن ڏي هر هر ڏسڻ جي نہ ڳر.

رهي محب "مشتاق" تو دل ۾ جيڪر،
تہ ڪاغذ ڪٽي خط لکڻ جي نہ ڪر.

## روح – روان ڪيئن چوان!

رقيبن کي روح-روان ڪيئن چوان،
قفس کي پلا ڪهڪشان ڪيئن چوان.

ملن زهر جا جام جن جي هٿان،
انهن کي مان پير-مغان ڪيئن چوان..

فلڪ ٻڄي ڌرتي تي بجليون هٽي،
زمين جو اهو آسمان ڪيئن چوان.

جو رهزن لٽي راهه ۾ ڪافلا،
اهو رهبر- ڪاروان ڪيئن چوان.

عداوت اندر ۾ سڌائي سڄڻ،
منافق کي مان مهربان ڪيئن چوان.

نه مقتل نه دار و رسن تي آ سڏ،
اهوعشق جو امتحان ڪيئن چوان.

اڃا عرش لرزش ۾ آيو نه آ،
ذڪايل جي آهه و فغان ڪيئن چوان.

کهاڻي ۾ ڪٿ ناهي پنهنجو بيان،
اهو درد جو داستان ڪيئن چوان.

محبت جي ”مشتاق“ ،منزل مٿي،
مڪان کي پلا لامڪان ڪيئن چوان.

..... منهنجي ترجماني ٿي ويو!

پيار پنهنجو جڳ ۾ قصهِ جاوداني ٿي ويو
رهبري جي، هر زماني لئي نشاني ٿي ويو.

عشق جي اوکي سفر ۾ ٿي ويا جيڪي فنا،
در حقيقت موت تن جي زندگاني ٿي ويو.

جنهن گهڙي اکڙين ۾ پيارو پيار پائي ٿو اچي،
هر قدم مون لاءِ لک لک مهرباني ٿي ويو.

حال دل اورڻ گهريم، الفاظ اڻ لپ ٿي پيا،
پر رهڻ خاموش، منهنجي ترجماني ٿي ويو.

يار جي تعريف ۾ سارا غزل آهن امر،
عشق جو هر حرف، حرفِ آسماني ٿي ويو.

هن حياتي ۾ ملي وڃ پوءِ پڇتائڻ مان ڇا،
جيڪڏهن "مشتاق" تنهنجو آنجهاني ٿي ويو.

....... معراج عشق هوندي آ!

جنهن گهڙي ياد تنهنجي ايندي آ.
دل جي زخمن کي چوٽ ڏيندي آ.

نيڻ مان نير ڇڳڪ ساوڻ مينهن،
ننڊ نيڻين اڏامي ويندي آ.

سيني اندر تي باهہ پڙڪا ڏئي،
من اندر موج چوليون ڏيندي آ.

سوچ جا خمار تا تين اهڙا،
ڪيفيت جڻ نشي جي هوندي آ.

ڪيترو پيي پري هجي مون کان،
سات منهنجي سدائين رهندي آ.

هجر جون گهڙيون خدا جي پناهہ،
وصل سان زندگي وندبيندي آ.

عشق جي آ دنيا الڳ سڀ کان،
سمجهہ ۾ ڪنهن کي ڪنهن کي ايندي آ.

بي قراري جي محويت "مشتاق"،
ڇڳڪ معراج عشق هوندي آ.

نماڻيون نماڻيون اکيون جيئن کڻين ٿو
سچ هڪ نظر سان هزارين ڪهين ٿو.

قيامت ڪان پيي اگ قيامت تي ويندي،
قبر منهنجي تي پير جيڪر پرين ٿو.

ڪيا ڪيترا قيد زلفِ سيه ۾،
ڪلهن تي جڏهن وار واري وجهين ٿو.

ڪڙا ٻانهن جا جنهن نموني لڏن ٿا،
تون ڄڻ منهنجي سوچن ۾ الجهيل رهين ٿو.

تبسم لبن تي اکين ۾ شرارت،
زبان بند پر راز دل جا سلين ٿو.

ٽلين ٿو تہ ڄڻ مور ٽلندو اچي،
هلين ٿو تہ ڄڻ ڍيل وانگر هلين ٿو.

ويا چنڊ تارا بہ شرمائجي،
ڪٽي ڪنڌ جيئن آسمان ڏي ڏسين ٿو.

ڳچي ڪونج جهڙي ڪمر ڄڻ ڪمان،
اکين ۾ لڪين تير ترڪش رکين ٿو.

مٺا تنهنجا ناز و ادا پيي نرالا،
ڪهي ٿو جيارين، جياري ڪهين ٿو.

لکين محب "مشتاق" موهي وجهين ٿو
جڏهن ناز نخرن سان نچندو اچين ٿو.

## عشق جا بسمل الڳ!.......

عقل جا رستا علحده، عشق جي منزل الڳ،
مست موجن جا مزا پيا لذتِ ساحل الڳ.

درسگاهِ عشق ۾ مڪتب جا متوالا جدا،
رونقِ مقتل الڳ ۾ عالم و فاضل الڳ.

راهزن آيا ڍڪي اڄ راهبر وارو لباس،
ملڪ جا محسن الڳ ۾ قوم جا قاتل الڳ.

جيڪڏهن انصاف جي ڪرسي هجي جَلاّد هٿ،
فيصلا اهلِ نظر جا ڇا ڪندا عادل الڳ.

جنهن به ديواني کي ٿي وئي ديدهءِ مجنون عطا،
ان جي ذوق و شوق جي ليلا الڳ محمل الڳ.

راهه ساڳي پر پنهي جون منزلون آهن جدا،
تير جا گهايل الڳ ۾ عشق جا بسمل الڳ.

رند ۾ زاهد رهي سگهندا نه هڪڙي راڄ ۾،
همنوا هن جا الڳ ”مشتاق“ جي محفل الڳ.

........ سادڙا انسان ڇا ڄاڻن!

جي آيا عشق ۾ سي عهد ۽ پيمان ڇا ڄاڻن،
سڄڻ هوش و خرد جا مامرا مستان ڇا ڄاڻن.

ڪيو سُود و زيان جون عاشقن سان ڳالهڙيون ڇو ٿا،
اڏي تي سر رکڻ وارا نفعو نقصان ڇا ڄاڻن.

دلِ بيتاب کي تڙپائي ۽ ٻهلائي ياد ان جي،
محبت جا ڪٺل ٻيو درد ۽ درمان ڇا ڄاڻن.

گريبان چاڪ، دامن چٽ، ٿين ٿا روز الفت ۾،
غمِ جانان جي لذت عقل ۽ عرفان ڇا ڄاڻن.

ملامت عشق وارن کي نہ ڪر اي صاحب تقويٰ،
جنون وارا هي تنهنجو دين ۽ ايمان ڇا ڄاڻن.

متاع زندگي سمجهي رکيم زخمِ جگر سانڍي،
ٻها هن بي ٻها دولت سندي نادان ڇا ڄاڻن.

ڪيا هڪڙي نظر "مشتاق" ڪيئي نيم جان بسمل،
ڀلا تير و ڪمان ۡهي سادڙا انسان ڇا ڄاڻن.

..... منڊ ڍارا نہ پڇجو!

سفر عشق جي ۾ سهارا نہ پُڇجو
محبت جا ڪنڌي ڪنارا نہ پڇجو.

مٿي لامڪان کان محبت جي منزل،
ڪڏهن رستي ۾ چنڊ تارا نہ پڇجو.

جتي سر جا سودا بہ ڇڻ سستا سودا،
اتي مال زر جا خسارا نہ پڇجو.

ٿئي سُوري تي سڏ تہ سر سَوري رکبو
پيا پيچرا پنڌ چارا نہ پڇجو.

اکين تي لڳل پهرا آهن تہ جا ٿيو
دلين جا ٿين ڪيئين نظارا نہ پڇجو.

اکر عشق جو جيڪڏهن آهي پڙهڻو
تہ اسڪول علمي ادارا نہ پڇجو.

فرشتن کي ناهي خبر ڇا ٿئي پيو
محبت جا مخفي اشارا نہ پڇجو.

رخِ يار جي ويجهو واسينگ وانگر،
کهن ڪيئن ٽا وار ڪارا نہ پڇجو.

نگاهن جي جادو جي "مشتاق" کي سڏ،
اجايا پيا منڊ ڍارا نہ پڇجو.

.... جلوا ڏسي رخسار ۾!

شاعري ساري ثنائے يار ۾،
آهي خوشبو ان ڪري اظهار ۾.

تي پيا شمس و قمر شيدا مٿس،
نور جا جلوا ڏسي رخسار ۾.

ڪهڙي ڪهڙي وصف جي واکاڻ ٿئي،
سونهن جي ٿي سڀ سٽا سرڪار ۾.

ڀل ڏسو ڀيٽي ڀلا انسان سڀ،
ڪو نه مٽ گفتار ۾ ڪردار ۾.

حشر ۾ خطرو تپش جو ناهه ڪو،
ٿي سڪونت سايهٔ ديوار ۾.

هُو عيادت لاءِ آيو هو هلي،
ٿنهنڪري ٿي تازگي بيمار ۾.

دشمنن کي ڀي دعائون تو ڏئي،
ناهه ڪو ثاني سڄي سنسار ۾.

محب جو "مشتاق" آهي ذڪرِ خير،
ساري محفل ٿي هُجي هبڪار ۾.

..... دلاسا ڏيڻ بند ڪر!

پرين پردي پويان لڪڻ بند ڪر،
اجايو ستائڻ سجڻ بند ڪر.

نہ ڪر دوستي ۾ سياست سجڻ،
ڏنا ۽ دلاسا ڏيڻ بند ڪر.

گهمين ڇو تو غيرن سان هٿ هٿ ۾ ڏئي،
ڀلا مون کي خط پٽ لکڻ بند ڪر.

محبت جا مون سان وچن تو ڪرين،
رقيبن سان رغبت رکڻ بند ڪر.

قلم جي گهرين تو اگر آبرو
تہ نادان آڏو نمڻ بند ڪر.

اڙي پير پيري ڪي پيشو نہ ڪر،
مريدن ڪان پئسا پنڻ بند ڪر.

وڪائو وڏيرن اڳيان بانسري،
وطن جي وفا جي وڄڻ بند ڪر.

ڪري سودو ڌرتي جو ڪرسي عيوض،
انهيءَ وٽ اچڻ ۽ وڃڻ بند ڪر.

جنازو نہ پڙهہ اهڙي مردود جو
مرڻ بعد ٻيي منهن ڏسڻ بند ڪر.

چڱائي جي اميد ڪم ظرف ڪان،
عقلمند آهين ڪرڻ بند ڪر.

سڃاڻپ نہ آهي سخن جي جتي،
اتي سور دل جا سلڻ بند ڪر.

رهڻ چاهين "مشتاق" ماناٺتو
تہ ڪنهن وٽ سوالي ٿيڻ بند ڪر.

...... ماهپارن کي نہ ڏسٽو آ.

ارادو عشق جو آهي، سهارن کي نہ ڏسٽو آ.
جڏهن درياء ۾ گهڙيو ڪنارن کي نہ ڏسٽو آ.

گهرين اجڙيل چمن کي تو ڪرڻ آباد تون جيڪر،
خزان ۾ ڪاهي پوٽو آ، بهارن کي نہ ڏسٽو آ.

ستارن کان بہ اڳتي جو سفر مقصودِ منزل آ،
تہ پوءِ هن آسمان جي چنڊ تارن کي نہ ڏسٽو آ.

مقدر پنهنجي ڪوشش ساڻ آهي ٺاهڻو پنهنجو
رڳو هٿ جي لڪيرن منجهه ڏارن ڪي نہ ڏسڻو آ.

اگر آلاپ نڪرن عشق جا اڌما ڏئي اندران،
تہ سازندن جي سازن تند تارن ڪي نہ ڏسڻو آ.

نگاهن ۾ شرابن جي نشي ۾ فرق آ زاهد،
سزا جي لاءِ فتويٰ ۾ خمارن ڪي نہ ڏسڻو آ.

پرين جي پار جو آهين جي پاندئيڙو تہ هلندو رهہ،
بيابان جهنگ جهر يا ڪوهسارن ڪي نہ ڏسڻو آ.

ڳڻائڻ ٿو گهرين نالو شهيدن جي قطارن ۾،
تہ مقتل ڏي هليو هل انتظارن ڪي نہ ڏسڻو آ.

گرن گوجن ڪي پيي انسان سمجهي عشق ڪر سهڻا،
رڳو دنيا ۾ چوندي ماهپارن ڪي نہ ڏسڻو آ.

سڪونِ دل گهرين ٿو عافيت عقبيٰ جي ٿو چاهين،
فقيرن وٽ هليو وڃ، تاجدارن ڪي نہ ڏسڻو آ.

خدا جي رحمتن جو ايندو دريا جوش ۾ جنهن دم،
اتي "مشتاق" نيڪن عيبدارن ڪي نہ ڏسڻو آ.

...... دوست ديرينا هجن!

بزم رندن جي هجي آباد ميخانا هجن،
صبح توڙي شام اهڙا رنگ روزانا هجن.

اڄ تہ اڄ گڏجي پيون پئي عشق جو ڪهنو شراب،
تانڪِ پنهنجي الفتن جا عام افسانا هجن.

هن ڪان بهتر ڪهڙيون هونديون زندگي جون رونقون،
مئي هجي، ميڪش هجن، ساقي ۽ پيمانا هجن.

چنڊ جي چانڊوڪي ۾ ٿڌڙي هوا لڳندي رهي،
رات جي تنهائين ۾ دوست ديرينا هجن.

جيڪڏهن رنگين محفل ٿو ڏسڻ چاهين تہ پوءِ،
دلربا دربار ۾ دن رات ديوانا هجن.

تون هجين، تو ڪان پري منهنجو رهڻ ممڪن نہ آهہ
شمعِ محفل ۾ پري پئي، پر نہ پروانا هجن.

عاشقن ڪي ٿو اچي ماحول اهڙي ۾ مزو
ياد ليلا جي هجي، مجنون ۽ ويرانا هجن.

عشق جي دعوي ڪرڻ "مشتاق" آ تيسين عبث،
ساهہ سر جُيسين نگاهن جا نہ نذرانا هجن.

...... دور ديوانا نہ ڪر!

ساقيا ڏيدار کان محروم مستانا نہ ڪر،
مست نيڻن جا اسان تي بند ميخانا نہ ڪر.

تو گهرين پنهنجي در و ديوار جي رونق ڏسڻ،
سايهءِ ديوار کان تون دور ديوانا نہ ڪر.

لک بهانا تو بنائين برملا ميلاپ کان،
دوستي جون روز دعوائون درون خانہ نہ ڪر.

جن چکيو آهي چکو تنهنجي الستي عشق جو
مئي ۽ ميخاني مان تن کي پيش پيمانہ نہ ڪر.

هڪ گهڙي تو کان سواءِ جن جي نتي گذري سگهي،
بي رُخي سان برهہ جا بيمار بيگانا نہ ڪر.

سر فروشن بزم کي بخشي آ رونق رت ڏئي،
شمع جي شعلن کان پاسي پنهنجا پروانا نہ ڪر.

تنهنجي يادن سان چمن آباد آهن عشق جا،
باغِ الفت جا وڇوڙن ساڻ ويرانا نہ ڪر.

عمر ساري تو سان گڏ ”مشتاق“ مستانا رهيا،
هاڻي پنهنجا هم نشين فهميده فرزانا نہ ڪر.

## زندگي محسوس ٿي..!

وار ڪارن مان جا رخ جي روشني محسوس ٿي،
چوڏهين جي چنڊ، يا سج جي ڳڻي محسوس ٿي.

يار وٽ نالو وٺي، منهنجي گلا ڪئي دشمنن،
دشمنن جي دشمني ۾ دوستي محسوس ٿي.

هُو عيادت لاءِ آيو هُو رقيبن ساڻ گڏ،
دل ته زخمي ٿي، مگر آسودگي محسوس ٿي.

زخم پڇائي پڇي ٿو خيريت آهي جناب،
هن شرارت ۾ به هن جي سادگي محسوس ٿي.

گل جي خاطر خار جا آزار سهڻا ٿا پون،
گلبدن تنهنجي ذڪر ۾ ئي خوشي محسوس ٿي.

چنڊ جهڙا چهرا ها موجود محفل ۾ مگر،
مه لقا جي بزم ۾ ڏاڍي ڪمي محسوس ٿي.

هر قدم تي راهه جا پٿر به پاٽي تي پيا،
سنگ دل آڏو اسان کي بي وسي محسوس ٿي.

ساٿ پنهنجو پنهنجا پاڇا، ويا مصيبت ۾ ڇڏي،
تو سوا تنهائي ۾ بي مائگي محسوس ٿي.

عشق جو درياءَ هو جنهن وقت آيو موج ۾،
صبر وارن ساحلن جي بي بسي محسوس ٿي.

پنهنجا سارا خواب ويا ان وقت چڪنا چور ٿي،
يار جي رخسار تي جيئن برهمي محسوس ٿي.

نقش واري جا هيا جڻ يار جا وعدا وچن،
سهڻي صورت کان اها حرڪت کسي محسوس ٿي.

مون گلن ۾ مکڙي کي سو بار ورجائي ڏٺو
پر نہ تنهنجي رخ جي ڪنهن ۾ تازگي محسوس ٿي.

مُهر خاموشي لبن تي راز افشان ٿي ويا،
دل سندي دل سان ڪجهي وابستگي محسوس ٿي.

جام کان وڌ آهي ساقي جي نگاهن جو ڪمال،
هڪ نگه سان ئي بدن ۾ بي خودي محسوس ٿي.

محب ربءَ "مشتاق" جو آهي جئڻ جنجال جڻ،
زندگي محبوب سان گڏ زندگي محسوس ٿي.

...... ڏکڙا متي ويندا سپ!

نظر ڪڻ تہ دکڙا متي ويندا سپ،
لڳل زخم دل جا ڇُٽي ويندا سپ.

تي تنهنجي ڪرامت وليّن ڪان وڌ،
هي بازي وڄايل ڪَٽي ويندا سپ.

نہ هوندا هميشہ ڏکن جا ڏهاڙا،
اڏيل بند آڏو هٽي ويندا سپ.

سدائين رهي آ سچائي جي سوڀ،
ڪپت ڪوڙ ڪوڙا ڪُسي ويندا سپ.

هي هامان فرعون قارون ڪل،
متي منجهہ ڪوتا ڪَپي ويندا سپ.

امانت ۾ جن پيي خيانت ڪئي،
اهي گهوٽ گهاٽي پِسي ويندا سپ.

ڪيون لوڪ سان جن لڄايون لِڪي،
عدالت جي آڏو اچي ويندا سپ.

بخيلن جا بخيا اُڌيڙي اکيڙي
وري ماڳ موتي سخي ايندا سپ.

جڏهن جوش ۾ ايندي خلقِ خدا،
اهي لوپي نوڳي لڪي ويندا سپ.

جنين لاءِ "مشتاق" دل ماندي آ،
رٺل يار سارا رَسي ويندا سپ.

## ڪرپلايون بي حساب!

محب تنهنجون مهربانيون بي حساب،
ٿيون ڳڻڻ کان، ڳڻ ۾ ڳالهيون بي حساب.

تو گهري هئي مون کان هڪڙي جان پر،
منهنجا جانب تولئي جانيون بي حساب.

ساهه سر تنهنجي مٿان صدقي ڪيم،
مان ۾ ٿيون ميزبانيون بي حساب.

مان ته ڇا قربان تنهنجي نانءُ تان،
جائدادون مال مڏيون بي حساب.

خير ڪر هِن آشيان جو يا خدا،
آفتون اچ ناگهانيون بي حساب.

هر گهڙي ڦيرا ڏيو ڦرنديون اچن،
منهنجي در ڏي نامراديون بي حساب.

ڪير سمجهائي چري دل کي ڀلا،
ٿي رکي هر دم اميدون بي حساب.

اچ ته هڪ ڀيرو ملي موجون ڪريون،
ٿي ويون جانب جدايون بي حساب.

تنهنجي پاران نهڪرون ئي نهڪرون،
پر پيا ناتو نيايون بي حساب.

دل نه ڪر "مشتاق" جي ماندي ملول،
پورڙي تي ڪر ڀلايون بي حساب.

محبت مرڻ واري ناهي!.........

محبت مرڻ سان مرڻ واري ناهي،
جڏي جيءُ سان گڏ جُهرڻ واري ناهي.

هي مضبوط ڪان آهي مضبوط رشتو
ڪچي تند وانگر ڇڄڻ واري ناهي.

وڃي هر طرف هن جي خوشبو پکڙجي،
هي لوڪان لڪائي لڪڻ واري ناهي.

دلين منجهه ديرا ڄمائي ٿي ويهي،
اچڻ بعد هرگز وڃڻ واري ناهي.

دوائن سان هي دور ٿيندي نہ هرگز
هي بيماري وانگر ڇڏڻ واري ناهي.

هي "مشتاق" آهي ڏنل ذات رب جي،
هي نعمت خدا جي ڪَتڻ واري ناهي.

## ورڻ واري تہ ڪر

يار هڪ ڀيرو اڱڻ منهنجي اچڻ واري تہ ڪر،
آيو قسمت ساڻ آهين، ڪجھ رهڻ واري تہ ڪر.

لوڪ سارو تو پُڇي، محبوب تنهنجو آ ڪٿي،
تون لڪي لوڪان پلي مون سان ملڻ واري تہ ڪر.

آڙي پاڙي وارا مون کي طعنا مهڻا تا ڏين،
تن جي طعنن کان اڃي آجو ڪرڻ واري تہ ڪر.

تنهنجي سودائن ۾ ڳڻتين ۾ ڳري آهيان ويو
پنهنجي هِن بيمار عاشق کان پڇڻ واري تہ ڪر.

درد ۾ پيڙاءَ سارا دور ٿي ويندا سڀيئي،
نبض منهنجي تي اچي تون هٿ رکڻ واري تہ ڪر.

منهنجا جانب ڇو اڃان ايڏيون جدايون تو ڪرين،
پنهنجي هن ”مشتاق“ ماندي ڏي ورڻ واري تہ ڪر.

## دل کي ريجهايان پرين

توکي کهڙي ريت پرچايان پرين،
پاند ڳل پائي تو ٻاڏايان پرين.

ڪانهي طاقت جو سهي صدما سگهان،
تو سان کهڙو سينو مان ساهيان پرين.

تنهنجي فرقت ۾ پيلا کهڙي طرح،
دل دکي کي ويهي ريجهايان پرين،

ناهه ڪنهن ٻئي ڏي ڏٺو اکڙين کڻهن،
اصل کان ئي تنهنجو مان آهيان پرين.

دل ۾ اکڙين منجهه استقبال لئي،
روز منصوبا پيو ناهيان پرين.

تنهنجو پرچڻ ۾ وري مرکي ملڻ،
کهڙا کهڙا تورا مان لاهيان پرين.

مِهر ڪر "مشتاق" تي منڙا مدام،
تو سوا مان ڇڻڪ ڪجهه ناهيان پرين.

........ کهاڻي پيارن پرت وارن جي!

خبر ڪهڙي پڇين ٿو عشق جي ۽ عشق وارن جي،
رهن دريا جي موجن ۾ نہ سُڌ ڪنڌي ڪنارن جي،

رکن دل جا چمن آباد الفت جي فضائن ۾،
خزان جو ناهہ ڪو خطرو نڪا خواهش بهارن جي.

رهن خوشحال ٿا هر حال ۾ بي حال بيراڳي،
نہ حاجت ڪنهن حمايت جي نڪا سهمت سهارن جي.

اڏي تي سر رکڻ جي لاءِ آهن هر گهڙي آتا،
نڪا تشويش تن ۾ تِن کي تيرن جي ترارن جي.

سُکن ۾ ساهہ گهٽجي پر ڏکن کي ذات ٿا سمجهن،
غذا ٻڻجي وڃي ٿي بيقراري بيقرارن جي.

پري کان ئي لڳن پڌرا ٿا بلڪل نيهن جا نانگا،
ٻڻيل تصوير اوسيڙن اوجاڳن انتظارن جي.

حقيقت عشق جي معلوم ٿئي "مشتاق" ناممڪن،
ڪهاڻي ڇا قلم لکندو پيارن پرت وارن جي.

## محبت جا مسافر....!

اسين عشق جي راهہ جا آهيون رهبر،
محبت جي رستن جا آهيون مسافر.

نہ گهر جي نہ ترَ جي نہ تن جي نہ من جي،
رکون سُڌ نتا يار ڪنهن شيءِ جي ڪنهن پر.

نڪي ننڊ نيٽين نہ دل آهي پيٽين،
سدا پنهنجي سوچن ۾ گم سم گداگر.

خطا هوش آهن، نہ پنهنجي خبر ڪا،
ڪڏهن آهيون هِن پر ڪڏهن آهيون هُن پر.

نہ پنهنجن پراون ۾ ڪو فرق سمجهون،
ٿيا دوست دشمن اسان وٽ برابر.

رهون حال ڪان پاڻ بيحال هردم،
اهو حال پنهنجو رهي ٿو سراسر.

رهي فقر فاقي سان پنهنجو پيار،
سدا مست موجن ۾ دل جا تونگر.

محبت جي ناتي سان "مشتاق" سڏجون،
ڪيون ڳالهہ پنهنجي پلا ڪهڙي هر هر.

محبت جو سفر مشڪل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو
اڙائي ويٺا سون ٻئي دل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

هتي جنهن پير پاتو سو نڪتو نڪري سگهي سهڻا،
هي دلدل آهي يا منزل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

اوهان جو حسن، منهنجو عشق آهن بحر بي پايان،
ٻنهي جو ناهہ ڪو ساحل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

نڪا تلوار هٿ ۾ هئي، نہ نڪتو تير ترڪش مان،
ڪيا هڪ گهور ڪئي گهائل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

اڏائي عشق تو فهم و فراست عقل وارن جي،
هتي عاقل بہ ڄڻ جاهل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

عدالت عشق جي ۾ فيصلا هر وقت هڪ طرفا،
ڪجي فرياد ڪٿ داخل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

نہ ميخانو نڪي ميڪش، نڪي موجود مئي آهي،
رهي مدهوش ٿي محفل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

هزارن ۾ اچن ٿا .مرڪندا "مشتاق" مقتل ڏي،
مگر مقتول يا قاتل، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

!........... رهنمائي تي وئي منهنجي

عجيبن سان جڏهن ڪان آشنائي ٿي وئي منهنجي،
تہ سمجهان ٿو خدا جي چڻ خدائي ٿي وئي منهنجي.

قيامت جي گهڙي هئي يا هيو محشر جو هي منظر،
جڏهن جنهن ڏينهن جانب کان جدائي ٿي وئي منهنجي.

ڏنم جي ساهہ سُڏڪي سڏڪي تنهنجي پاڪ پيرن ۾،
سڄڻ سمجهو تہ گويا فرض ادائي ٿي وئي منهنجي.

ڪئي ڪنهن خوبرو پنهنجي اڱڻ تي آجيان جيڪر،
حياتي ۾ حقيقي رهنمائي ٿي وئي منهنجي.

اميرن جا نہ وڻندس نت ٺانگر ڪنهن بہ پَر هاٽي،
پسند پنهنجي پرين ڪي آ گدائي ٿي وئي منهنجي.

رقيبن جي اڳيان مون کي سڏي هن يِر ۾ ويهاريو
مٺي محبوب وٽ هي مرحبائي ٿي وئي منهنجي.

پتو ڏس يار جو ڏئي ڪنهن پرين جي پار پهچايو
تہ چڻ "مشتاق" منزل تي رسائي ٿي وئي منهنجي.

........ ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا!

جنون جا جوش ۽ جذبا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.
خطا ٿيا هوش جا حربا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

اڙانگو ۽ انوکو عشق جو آهي سفر سارو
سڪايل لئي سڪن صدما، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

پتنگ وانگر مڙيا مچ تي جتي محبوب جي منزل،
اچن چاٽث چمڻ چريا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

الستي عشق آلاپن بنا سازن سرودن جي،
ٻڏائن نيهن جا نغما، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

نہ ڀرڪي پارکو سگهندا ڪڏهن ڀر پرت وارن جي،
اُٿن اندر مان ٿا اڌما، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

ڪڏهن جنگل ڪڏهن دريا ڪڏهن پانڌي پهاڙن جا،
نہ ست پنهنجي سهن صحرا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

سڪن ۾ ها سوين ساٿي ڏکن ۾ ڪنهن نہ ڏک اوريا،
ڇڏي ويا دوست سڀ گهرا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

رکي ”مشتاق“ ٿو مطلب ,رڳو محبوب هڪڙي سان،
اچن سامهون سوين ڇهرا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

داستان دل جا..!.......

سڄڻ دل منهنجي چيري پاڻ پڙهہ تون داستان دل جا،
اکر ڪهڙي طرح سان تي سگهن ٿا ترجمان دل جا.

فلڪ تي، رات جو آهي رڳو تارن سندي جهرمر،
مگر زخمن سان روشن رات ڏينهن ٿيا آسمان دل جا.

ڪٿي هڪڙي نظر دلبر وڌا دل ۾ جگر جهوري،
خبر ناهي اجان ڪهڙا رهن ٿا امتحان دل جا.

رهي ٿو اصل کان ئي عقل جو ۽ عشق جو جهيڙو
خرد جي سمجهہ کان ٻاهر مڪان ۽ لامڪان دل جا.

ڏنا پنهنجن ئي پنهنجائپ ۾ غيرن کان گهڻا صدما،
ٻڌايان ڪهڙا ڪهڙا مهربان نامهربان دل جا.

قلم ڪاغذ ڪٿي توڙي لکڻ چاهيم ٿي خط ليڪن،
وري سوچان ٿو ڪهڙا ڪهڙا ڏک توڙي لکان دل جا.

گهڻا حيلا هلايا حاذقن حالت رهي ساڳي،
ٻڌايو چاره گر آٽيان ٻيا ڳولي ڪٿان دل جا.

مون دل جا گهاءَ دل ۾ ئي سنڀالي سڀ رکيا آهن،
نشان منزل جو آهن دوستو سارا نشان دل جا.

پري آهي اکين کان پر، رهي چانيل تصور ۾،
ٿين محبوب سان "مشتاق" جا ميلا نوان دل' جا.

.......... غمگساري ڪر سڄڻ..!

غمزده غمگين جي ڪجهہ غمگساري ڪر سڄڻ
عاشقِ نادار جي ڪا پوئواري ڪر سڄڻ

منهنجي اکڙين ۾ مٺا پل پير لِيو پائي تہ ڏس
دور درشن سان سگهو هي بيقراري ڪر سڄڻ

دل جي زخمن سان ملي ٿو زندگي کي نئون سرور
مون تي پنهنجا قرب اهڙا عمر ساري ڪر سڄڻ

خون منهنجو معاف ٿئي، پر پنهنجي پرده داري لئي
خلق ۾ رسمي طرح ڪجهہ آه و زاري ڪر سڄڻ

تنهنجي گهايل جو حڪيمن حاذقن وٽ ڇا علاج
پنهنجي هٿڙن سان خود تيمارداري ڪر سڄڻ

آزمائيندين اجان "مشتاق" کي تون ڪيترو
پل ڏکي هي ٿهر واري رات ڪاري ڪر سڄڻ

.......ساهہ سر گهوري سگهي مشڪل!

زبان دل جا سمورا درد و غم اوري سگهي مشڪل،
سخن جي ساهمي خونِ جگر توري سگهي مشڪل.

هي ناهي دشتِ مجنون طئي ٿئي صحرا نوردي سان،
محبت جي دنيا ڪو بوالهوس ڏوري سگهي مشڪل.

اٿن جيسين نٿا رڳ رڳ مان سوزو ساز جا نغما،
ڇپن سان چاهتن جو چنگ ڪو ڇوري سگهي مشڪل.

اڏي تي سر رکڻ وارا مقامِ سرمدي ماڻن،
انهيءَ رستي تي سڏڙيو ساهہ سر گهوري سگهي مشڪل.

ڏسي لڙڪن جي لالائي اندازو عشق جو ٿي ويو
پتنگن کان سواءِ ڪو جان جند جهوري سگهي مشڪل.

ٿئي ٿو هر قدم تي امتحان گهاٽي ۾ پيڙهڻ جو
وفا جي ورد جي تسبيح ڪو سوري سگهي مشڪل.

جنون، ڦٽڪن ۾ ڦاهي گهات تي "مشتاق" پهچايو
هٿن پنهنجن سان پنهنجو ماس ڪو ڪوري سگهي مشڪل.

..... جان جانب يار تان صدقي!

پرين جي پيار واري عهد ۽ اقرار تان صدقي،
ڪري جي ناز سان نهن نهن تہ ان انڪار تان صدقي.

اکيون راهن ۾ آهن دل هميشه بي قرار آهي،
سڪن ٿا ديد تين دلدار جي ديدار تان صدقي.

ڪيون جنهن جاءِ تنهائي ۾ محبن سان ملاقاتون،
انهن محبوب جاين جي در و ديوار تان صدقي.

سڄي سنسار کي جنهن سونهن بخشي سونهن جي سائين،
ٿيان صد بار ان سرڪار جي هر وار تان صدقي.

رکيائين حسن جو بنياد عرش کان بہ اعليٰ تر،
اِنهيءَ معيار تان صدقي انهيءَ معمار تان صدقي.

سڏي سوري تي ٿو سرڪار سر سرڪار تان صدقي،
گهرائي دار تي دلدار دلڪش دار تان صدقي.

ملي وئي من جي مالها محب جي خمدار وارن ۾،
انهيءَ تسبيح تان صدقي انهي زنّار تان صدقي.

محبت جو مقام آهي، سعادت واري ساعت آ،
ڪئي "مشتاق" پنهنجي جان جانب يار تان صدقي.

..... هر مهرباني ياد آ!

نازنين ناز و ادا جي هر نشاني ياد آ،
تنهنجي انگڙائي پرڻ واري جواني ياد آ.

نقش آهن دل مٿان خاموش لمحن جا خيال،
هي مقدّس داستان- زندگاني ياد آ.

غير آڏو برملا چوندي ڪهاڻي پيار جي،
تو ڪئي جا منهنجي دل جي ترجماني ياد آ.

حال اوريندي گذاري رات جڻ اڪ چنيءَ ۾،
موڪلائي واري ساري لن تراني ياد آ.

خط لکڻ خبرون پڇڻ ۽ پيار سان پرچڻ رُسڻ،
محب جي "مشتاق" تي هر مهرباني ياد آ.

مڇ مچايون ٿو وڃان!.......

دلربا جي دام ۾ دلڙي اڙايون ٿو وڃان،
سور سيني ۾ سڄڻ جا سڀ سمايون ٿو وڃان.

هاءِ قسمت جو حياتي جو خزانو بي بها،
ناز پرور جي نظر عيوض لٽايون ٿو وڃان.

عشق جي آڙاهه اٽر ۾ اڙائي جان مون،
هن مرض مهلڪ جو من ۾ مڇ مچايون ٿو وڃان.

رات ڏينهن ڏک درد دل ۾ ٿا سوين سامائجن،
سور صدمن ساڻ ويتر پيچ پايون ٿو وڃان.

شل نوازش سان نوازين اڄ مٺا "مشتاق" کي،
حال هيٺي کي اجان هيٺو بنايون ٿو وڃانْ.

...... بازي ڪٽڻ واري ناهي..!

محبت پراڻي ٿيڻ واري ناهي،
مرڻ بعد پڻ هي مرڻ واري ناهي.

ٽٽل دل کي ڪو ٽاڪو لڳائي نہ سگهبو
هي ڪائي جي ڪوٺي جڙڻ واري ناهي.

جو آيو دل و جان هارائي ويٺو
محبت جي بازي ڪٽڻ واري ناهي.

نڌر نينهن جا نيش آهن نرالا،
هي بيماري برحق ڇٽڻ واري ناهي.

محبت آ "مشتاق" سودو صدين جو
کهاٽي پڄاٽي پڄڻ واري ناهي.

## امتحان قتل جو..!

سجڻ جي هٿن ۾ نشان قتل جو.
رهي ٿو هميشه گمان قتل جو.

نه خنجر نه ڪي تير ڀالا هليا،
ڪيان يار ڪهڙو بيان قتل جو.

نه شاهد نڪا ثابتي سر زمين تي،
مان فرياد ڪهڙو ڪيان قتل جو.

جدائي جا شب روز ڏاڍا ڏکيا،
سکيو سهنجو هو امتحان قتل جو.

هيا نفش خونِ جگر ۾ حسين،
مگر خوبتر داستان قتل جو.

تري تي رکي آيو "مشتاق" سر،
ارادو ڪيو مهربان قتل جو.

... وحدت جا خمخانا نظر ايندا....!

نگاهن ۾ جڏهن ساقي جي پيمانا نظر ايندا.
تہ مسجد توڙي مندر منجهہ ميخانا نظر ايندا.
اهائي پرک رندن زاهدن جي درميان هوندي،
جڏهن سُوري تي سڏ ٿيندا تہ ديوانا نظر ايندا.
بهارن جی فضائن ۾ تہ وتندا پونئر واسيندا،
برهہ جي باهہ جي شعلن ۾ پروانا نظر ايندا.
هميشہ عاشقن جا سر اڏي تي هوندا سينگاريل،
مگر سڏڙين جي سيراندي ۾ سرهانا نظر ايندا.
نہ ها ساٿي سفر جا پوءِ بہ منزل تي وڃي پهتا،
رڳو راهن تي رڙهندا توکي مستانا نظر ايندا.
برابر زهد و تقويٰ ۾ دلاسا حور و غلمان جا،
مگر ساقي جي در وحدت جا خمخانا نظر ايندا.
وفا جي راهہ جو هر امتحان مشڪل کان مشڪل تر،
مصيبت وقت توکي پنهنجا بيگانا نظر ايندا.
املهہ موتي ملن ٿا اهلِ دل جي آستاني تي،
گدا حي گودڙي ۾ شان شاهانا نظر ايندا.
حقيقت جا ٻڌايان توکي حضرت عشق وارن جي،
ڪڏهن ديوانا لڳندا ۽ ڪڏهن دانا نظر ايندا.

مقامِ سرمدي "مشتاق" مستانائي ماڻيندا.
هتين خالي هتي فهميده فرزانا نظر ايندا.

........... ملامت ڇو مشتاق مستان کي...!

جياريو اچي جان، بيجان کي
ڳٽيان وينو احسان احسان کي
نہ ڏسبا محبّت ۾ سود و زيان،
نکي سڃبو نقصان نقصان کي.
ڏنگي تو نہ ڏينيو کي ڏينيو ڪڍهن،
ڏکائي ٿو انسان انسان کي
نہ معيار ماڻھو جو آ ماڻھپو
وٺي اڄ ٿو شيطان شيطان کي
صحيفو سڄڻ جي چپن تي ائين،
چمي چڱڪ قرآن قرآن کي
ستمگر ستم تي ستم، ٿو ڪري،
وڌائي ٿو ارمان ارمان کي
وئي عمر صحرا نوردي ۾ سڀ،
گلي لاٿو ويران ويران کي
جي خود بيخبر سي ٿيا راهبر،
پڏائي ٿو نادان نادان کي
ٿيا پاڻ ۾ جڙ ڪتو ۽ فقير،
سهي ڪونہ دربان دربان کي
ٻہ درويش هڪ نان ۾ خوش رهن،
وٺي تو نہ سلطان سلطان کي
ٿيا تنهنجا شيدا امير و فقير،
ملامت ڇو "مشتاق" مستان کي

پيمانا ڇڏي پرت جا پينار هليا ويا.
مايوس ٿي ميخاني مان ميخوار هليا ويا.

بي ذوق کي محفل ۾ هيو جام هٿن ۾،
توهين ڏسي مئي جي هو لاچار هليا ويا.

جنهن ڏينهن عيادت لئي اچڻ بند ڪيو هُن،
بستر تان اٿي برھ جا بيمار هليا ويا.

ڪانگن جا ڏسي باغ ۾ هر هنڌ بسيرا،
بلبل جا ۽ ڪوئل جا طلبگار هليا ويا.

هن ديس جي مٽي هو لڏو مان جنين سان،
هيٺن جا سي هڏ ڏوکي ۽ غمخوار هليا ويا.

هر روز ڪئي منهنجي شڪايت ٿي رقيبن،
اڄ تنهنجي گلي مان هي گنهگار هليا ويا.

"مشتاق" ملڻ لاءِ اڳڻ آيا هيا پر،
هو تنهنجو ڪري دور ڪانْ ديدار هليا ويا.

...... يار سان پيار ڪري!

غرور حسن ڪري هزار بار ڪري،
اسان جي لاءِ قيامت نئين ٿو يار ڪري.

وفا جي آس هئي پر وفا نصيب نہ ٿي،
عجيب ڏوڪو ٿيو ان تي اعتبار ڪري.

گهُري ٿو عشق اگر سر تہ سر بہ گهوري ڏيو،
وڏي اٿم هي رسم يار سان پيار ڪري.

گلن جي لاءِ گلي خار کي لڳايو اٿم،
اڳڻ اسان جي اچي شال هو بهار ڪري.

هِتي ملي نہ سگهياسون تہ هُن جهان سهي،
سڄي ڄمار وئي آهي انتظار ڪري.

قدم پري ٿو هلي جيڪڏهن جنازي سان،
قدم قدم تي مٿل کي ٿو جٿرو يار ڪري.

عجيب ريت آ "مشتاق" هي پيار سندي،
پڇي ٿو يار تہ هي ڇو ٿو جان نثار ڪري.

## ... مگر هم بيان نہ ڪو!

ٿيا هم نشين هزارين پر رازدان نہ ڪو
هر ڪوئي هم ڪلام مگر هم بيان نہ ڪو.
اهلِ چمن جي حالت افسوسناڪ آ،
سمجهي سگهي ٿو منهنجي آه و فغان نہ ڪو.
تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ٿو محسوس ٿئي ائين،
ڌرتي جو آهہ هيئنر ڇڻ آسمان نہ ڪو.
گذري وئي قيامت هر اهلِ دل مٿان،
هن حادثي کان پوءِ رهيو امتحان نہ ڪو.
نا مهربان تي قتل جي ناهي ميار ڪا،
ڏسجو هجي نہ هن سان گڏ مهربان نہ ڪو.
آواز آيو آهي قبر مان شهيد جي،
سازش ۾ هوندا پنهنجا وهم و گمان نہ ڪو.
ڪوفين ڪيو نہ ڇا ڇا آلِ رسول سان،
ان بعد آهي اهڙو بيو داستان نہ ڪو.
ڌرتي ڏٺي ٿيا ڌاريا، ڌارين جو راڄ آ،
پنهنجي وطن ۾ پنهنجو ٿيو آشيان نہ ڪو.

جيڪي گهڻن مِتائڻ ٿا منهنجي نانءَ کي،
"مشتاق" هوندو تن جو نالو نشان نہ ڪو.

.... ناتو نيايون سڄڻ!

جڏهن تو سان اکڙيون اڙايون سڄڻ،
ڏنيون من ۾ ان وقت جايون سڄڻ.

فرشتن کان پاڪيزه پنهنجو پيار،
چون ماڻهو ڳالهيون اجايون سڄڻ.

لڪڻ واري ناهي محبت مٺا،
اسان پيار کي چو لڪايون سڄڻ.

مرڻ بعد پيي ساٿ رهندو سدا،
وچن سارا پنهنجا نڀايون سڄڻ.

پرين پيار پنهنجو آ اعليٰ عبادت،
سڄي عمر ناتو نڀايون سڄڻ.

ڪيون پيار جو يار پرچار هر جا،
جهنم کي جنت بنايون سڄڻ.

محبت آ معراج "مشتاق" جو
قدمَ قرب جا ٿا وڌايون سڄڻ.

.... رازدان آهي ڪٿي..!

جنهن کي مان پنهنجو چوان آهي ڪٿي،
سور جنهن سان سوريان آهي ڪٿي.

ڪاروان لٽجي سرِ بازار پيو
ڏس اميرِ ڪاروان آهي ڪٿي.

هن جهان تي رهزنن جو راڄ آ،
يا خدا منهنجو جهان آهي ڪٿي.

ڇٽڪ ڌرتي جو نہ ڪو وارث ولي،
هن زمين جو آسمانُ آهي ڪٿي.

ڏوڙ ۾ منزل جا لٽجي ويا نشان،
رهبري لئي ڪهڪشان آهي ڪٿي.

پوک کي لوڙها، محافظ ملڪ کي،
ٿا لٽن پر پاسبان آهي ڪٿي.

باهه پڙڪي تاري تاري ۾ پئي،
ڏس سلامت آشيان آهي ڪٿي.

چؤطرف آهي رڳو محشر بپا،
ملڪ ۾ امن و امان آهي ڪٿي.

هر مسافر کي کلي کيڪاري جو
سو محبتي ميزبان آهي ڪٿي.

جنهن جي ديري تي مرادون ٿي مليون،
اڄ اهو پيرِ مغان آهي ڪٿي.

اڄ فقيري آهي فنڪاري رڳو
اهلِ حق جو آستان آهي ڪٿي.

پرکجي جنهن ساڻ سچي عاشقي،
عشق جو سو امتحان آهي ڪٿي.

حالِ دل "مشتاق" جنهن سان اورجي،
اهڙو رهبرَ رازدان آهي ڪٿي.

ڏي ميڪدي جو ڏس!..........

ساقي نہ ڏي اسان کي ڪنهن ميڪدي جو ڏس،
تو کان وڌ گهران ٿو ڪنهن ٻئي نشي جو ڏس.

پيتو پياريو آهہ سڄي عمر مئي مگر،
هاڻي ٻڌاءِ مون کي ڪنهن ڏگ لڳي جو ڏس.

تنهنجي اکين مان پيتو آهي شراب عشق،
هاڻي ڪيي نہ مون کي ڪنهن ٻئي نشي جو ڏس.

قالوبليٰ جو تو سان اقرار مون ڪيو هو
ڏهراءِ منهنجي دل تي ساڳيو اڳي جو ڏس.

ميلاپ منهنجو نورِ مجسّم سان تي وڃي،
مون کي ڪيي نہ عڪس يا ڪنهن پرتوي جو ڏس.

هڪ ڏڪ پئڻ سان مون کي منزل ملي وڃي،
اهڙي وٽي جو ڏس ڏي اهڙي دلي جو ڏس.

ٿنهنجي هٿان شراب۔ ٿورا هو پيتو مون،
هاڻي ڏين ٿا مون کي ڪنهن ٻئي گُٽي جو ڏس.

اهڙي نظر ڪيي جا دل تي اثر ڪري،
مون کي ڏيو نہ هاڻي ڏاڳي سڳي جو ڏس.

"مشتاق" آهي تنهنجي عنايت جو طالب.
هن کي ڪيي تو تنهنجي رتي ۽ مٽي جو ڏس.

..... تنهنجا مستانا مٺا سائين!

ڪڏهن آباد ٿيندا منهنجا ويرانا مٺا سائين،
ڪڏهن فرزانا تنهنجا ٿيندا ديوانا مٺا سائين،

ڪڏهن اجڙيل چمن ۾ آڻيندين رونق بهارن جي،
فقيرن کي ڏيکيندين تاج شاهانا مٺا سائين.

اچن محروميون موجن اندر موجون ڪنديون مون ڏي،
ڪڏهن آسان ٿيندا درد ديرينا مٺا سائين،

نگاهن جي ڪڏهن ٿيندي نوازش نينهن وارن تي،
ڪڏهن موجن ۾ ايندا تنهنجا مستانا مٺا سائين.

کٽي ساغر سخي جي در سوالي آهيان بيٺو
ڪڏهن لبريز ٿيندا پنهنجا پيمانا مٺا سائين.

سڪان پيو زندگي ساري اوهانجي سرڪ لئي ساقي،
ڪڏهن کوليندين ميڪش لاءِ ميخانا مٺا سائين.

رئان نرگس مثل ٿو پنهنجي بينوري تي سالن کان،
ڪڏهن بينا بنائيندين هي نابينا مٺا سائين.

ڪڏهن "مشتاق" کي ٿيندي زيارت چهري انور جي،
سلامن جا ڪڏهن ڏيندس مان نذرانا مٺا سائين.

بي وفائي نہ ڪر! ..........

چنڊ چڙ، ڳنڍڻ سک، جدائي نہ ڪر،
وفا ڪر، ڪڏهن بي وفائي نہ ڪر.

طبيعت ۾ ناهي چڱائي ڪرڻ،
تہ ڪنهن ساڻ بي جا برائي نہ ڪر.

نہ ڏي ڪنهن کي ڌوڪو دغا بازي ڇڏ،
لُٽي گهر پراوا ڪمائي نہ ڪر.

گلا گار غيبت آ بڇڙي بلا،
مثل ڀاءُ جو گوشت کائي نہ ڪر.

ٺهي ڪبريائي خدا کي رڳو
تڪبّر غرور ۽ وڏائي نہ ڪر.

هوا نڪري ويندي مثل ڦوڪڻي جي،
او نادان! آڪڙ اجائي نہ ڪر.

حياتي آ پاڻي جي ڦوٽي مثل،
نهٺائي ڪر، خود نُمائي نہ ڪر.

ڪرين ڪجھ نٿو پر پڌائين پيو
اها خواه مخواه خود ثنائي نہ ڪر.

نصيحت قبوليندي "مشتاق" جي،
سڌي راھ تي هل، ڏنگائي نہ ڪر.

...... هن جا پروانا پريا

ڪين ٽيندا منهنجي دل ڪان عشق جا اڏما پري،
پنهنجي موجن ڪان ڪڏهن ناهي ٽيو دريا پري،

اهڙي صحرا ۾ ڪڏهن ايندو نہ مجنون کي مزو
جنهن جي گردش ۾ هجي هن ڪان سندس ليلا پري،

کهڙي حالت هوندي ميخاني اندر ميخوار جي،
ساقيا جنهن ڪان هجي ساغر پري، صهبا پري

دل جون دانهون لڙڪ اکڙين جا نہ روڪڻ سان رڪن،
جيستائين مون کان آهن دوست ديرينا پري

دلربا ديري اتي هونديون نہ هرگز رونقون،
محفلن کان ٿا رهن جي تنهنجا مستانا پري

دوست دلڙين کي نٿو ميلاپ کان روڪي سگھي،
پنهنجي اکڙين کان پرين بيشڪ نہ ڪر پهرا پري

پيش ڪن ٿا جان جا نذرانا عاشق ڪيترا،
ڪر پرين تون پنهنجي چهري تان رکو پردا پري

مور ۽ بلبل نظر ايندا نہ هرگز باغ ۾،
جيسين مسند کان ٿين بدروح بد چهرا پري

زندگي پر چڙهن هنن سان واقفيت ئي نہ هئي،
اڄ ٿيا احباب پنهنجا پاڻ کان اهڙا پري

شاخ گل کي باغ ۾ سرسبز چاهين تو ڏسڻ،
باغبان رک باغ کان چمڙا پري، چبرا پري

جن اکر آهي پڙهيو تنهنجي الستي عشق جو
تن فقيرن کان ٿيا هي شوق شاهانا پري

گھور وانگر گھوريان مان جان جانب جي مٿان،
دوست جي در کان رهي سگھندا نہ ديوانا پري

دل چري ايندي دلاسن سان نہ هرگز هوش ۾،
جيسين نظرن کان رهي ٿو گنبذِ خضرا پري

زاهدا مون کي مزو ايندو ڪٿي فردوس ۾،
منهنجي اکڙين کان هجن جيڪر سڄڻ سهڻا پري

مصطفيٰ جي ذات سان جنهن پيي وڌايا فاصلا،
سمجھ هن کان ٿي ويو هُن جو خداوندا پري

جنهن جي در تان ڪاميابيون دين دنيا جون ملن،
ٿو رهين اهڙي عطا کان ڇو پليل پورا پري

جنهن جي دل ۾ ۽ زبان تي آهي ذڪرِ مصطفيٰ،
ٿا رهن هن کان هميشه خوف ۽ خطرا پري

مان بہ چاهيان ٿو هجان پاڙي پرين جي ۾ سدا،
شمع کان ٿيندا پلا ڪيئن هن جا پروانا پري

اڪ اڙي روزِ ازل کان آهي هڪڙي يار سان،
ڪيئن ڪندي محبوب کان ”مشتاق“ کي دُنيا پري

...... ناتا نڀائڻ سکيا سون!

محبت ۾ جيئڻ پيير پائڻ سکياسون،
ڏکن سان ناتا نڀائڻ سکياسون.

گلن ڏي وڌيا سون ڪنڊن آجيان ڪئي،
تڏهن خار کي يار ڄاڻڻ سکيا سون.

جڏهن ”تون هي تون“ تي، خودي ختم ٿي وئي،
اَنا ان جي آڏو وڃائڻ سکياسون.

اکين مان ڏئي اشڪ جا تيل تازا،
ڏيا الفتن جا جلائڻ سکياسون.

ڪئي سون نہ پرواھہ سود و زيان جي،
هٿين پنهنجي سڀ ڪجهہ لُٽائڻ سکياسون.

ٻين جي ڏکن کي بہ ڏک پنهنجا سمجهي،
دکايل دلين کي ڏٽارڻ سيکاسون.

جڏهن سات سچ جو ڏنوسين تڏهن کان،
اسان ڪنڌ ڪاتي ڪپائڻ سکياسون.

ٻڌايوسين الفت جو مفهوم چاهي،
دلين کي دلين سان ملائڻ سکياسون.

ڪچياسين لچياسين نہ ڪنهن امتحان ۾،
تہ ”مشتاق“ تنهنجو سڏائڻ سکياسون.

...... يار جي رخسار جي ويجهو..!

سنڀالي ڪڻ قدم بي تاب دل، دلدار جي ويجهو
رهن ٿا نانگ ڪارا يار جي رخسار جي ويجهو.

لبن تي دم هيو بي جان ۾ جڻ جان پئجي وئي،
هلي آيو صنم جيئن عاشق- بيمار جي ويجهو.

سڄڻ پهچي ويو پيغام تنهنجو منهنجي دل تائين،
اڃان پهتا نه آهن تنهنجا لب، اظهار جي ويجهو.

متل محفل جي رونق اهل دل ٿيندا ڪڏهن ناهن،
رهن عاشق اڪيلائي ۾ ڪوئي يار جي ويجهو.

نڪي تسبيح جي ويجهو نڪي زنّار جي ويجهو
نظر ايندا هميشه گيسوئي خمدار جي ويجهو.

رقيبِ روسيه جو جيئن گذر ٿيو گلبدن پرسان،
ٿيو محسوس نازڪ گل ٿيو جڻ خار جي ويجهو.

ڪندو ڪهڙي قيادت قوم جي ۽ ملڪ جي "مشتاق"
رکي جيسين نٿو سردار پيي سر دار جي ويجهو.

..... پرت جي پينار کان پڇجو..!

حقيقت عشق جي ڪنهن عشق جي بيمار کان پڇجو
پتو پنڌ پيار جو ڪنهن پرت جي پينار کان پڇجو.

نہ ڪاغذ کان، نہ قاصد کان، نہ همدم کان، نہ حاسد کان،
قصو دردن جو پڇڻو آ در و ديوار کان پڇجو.

نہ ساقي کان، نہ ساغر کان، نڪي مئي کان، نہ ميڪش کان،
نگاهِ يار جو نشو نگاهِ يار کان پڇجو.

نہ چاره گر طبيبن کان، نڪي حاذق حڪيمن کان،
دلِ بيمار جي حالت دلِ بيمار کان پڇجو.

نہ قاضي کان، نہ ڪافر کان، نہ مفتي کان، نہ ماهر کان.
محبت جو مزو "مشتاق" مٽيادار کان پڇجو.

.......... دين ايمان قربان آهي..!

سجڻ سر جو سائين ۽ سلطان آهي،
مٿس دين ايمان قربان آهي.

جي مرڪي تہ مکڙي کي موهي وجهي ٿو
کلي ٿو تہ گويا گلستان آهي.

اکين تي رکان ٿو چپن سان چمان ٿو
رخِ يار آهي يا قرآن آهي.

ڏسڻ سان هزارين حياتيون ٿو بخشي،
نگه ان جي جڻ آبِ حيوان آهي.

ڪيا قيد وارن ۾ ”مشتاق“ ڪيئي،
سيه زلف آهن يا زندان آهي.

......... مشتاق ڳلن جي ڳالهه نہ ڪر..!

من مست نگاهن مست ڪيو نيڻن جي نشن جي ڳالهه نہ ڪر،
ساغر ۽ صراحي وسري ويا، تون ميخانن جي ڳالهه نہ ڪر.

مون تير تبر تلوار ڏنا، بندوق ۽ ڀالا برڇيون ڏنم،
پر دل ۾ ڪيئن پيوست ٿيون، تون پنهنجي اکين جي ڳالهه نہ ڪر.

افسرده رهان، رنگ زرد رهان، بي خواب رهان، بي تاب رهان،
مان تنهنجي خوشين ۾ خوش آهيان، تون منهنجي ڏکن جي ڳالهه نہ ڪر.

مکڙي ۽ گلن جي رعنائي، ڇا لال و گُهر جي لالائي،
تنهنجي مرڪ مثل منئار نہ ڪجهہ، تون پنهنجي چپن جي ڳالهه نہ ڪر.

جند جان ڏنم، سرساهہ ڏنم، ڌن مال ڏنم، هر حال ڏنم،
لک اهڙا جنم قربان ڪيان، تون منهنجي خوشين جي ڳالهه نہ ڪر.

ڇا شهد و شڪر جي شيريني، مصري نہ منائي مٽ ثاني،
هر حرف مناس جو مانارو تون پنهنجي سخن جي ڳالهه نہ ڪر.

محبوب جي پيشاني جو پگهر، خوشبوءِ ۾ ڪتوري کان سرهو
ٿيا عطر گلاب نہ موتيو مٽ، تون مشڪ ختن جي ڳالهه نہ ڪر.

چو چوڏهين چنڊ تو شرمائي، چو تارا ڪتيون ويا مرجهائي،
رخسار جي رونق ڇا چئجي، ”مشتاق“ ڳلن جي ڳالهه نہ ڪر.

مشتاق مستانا بہ وسري ويا! .........

محبت جي مزي ۾ مئي ۽ ميخانا بہ وسري ويا.
پرين جي پرت ۾ سڀ رنگ روزانا بہ وسري ويا.

پياريو پيار مان ساقي شراب زندگي اهڙو
حيات ۽ موت جا افڪار افسانا بہ وسري ويا.

ڏسي ساقي صداقت پرت جي پينار جي پوري،
ڪيائين پرٿ پرٿان، ان ڪان پيمانا بہ وسري ويا.

رهيا هوش و خرد باقي نہ هِن مستي جي عالم ۾،
مقرر رات وارا ورد، دوگانہ بہ وسري ويا.

رفيقو حال خسته جي خبر ڪولي ڏيان ڪهڙي،
صنم جي عشق ۾ سڀ شوق شاهانہ بہ وسري ويا.

ڪئي جن عمر ساري دوست جي در نوڪري دل سان،
عجب آهي! اُهي "مشتاق" مستانا بہ وسري ويا.

... سڏو دل کان جگر تائين..!

اجان مشڪل سان نظرن جي رسائي ٿي نظر تائين،
تہ ويو تيرِ نظر پهچي، سڏو دل کان جگر تائين،

نگاهِ ناز جو بسمل، حياتي ير پيو تڙپي،
خبر ناهي، نہ پهتي چو خبر ان بي خبر تائين.

ستارا ساٿ ڏيندا ڪيستائين عشق وارن جو
هي جاڳن ڏينهن راتيون، هو رڳو جاڳن سحر تائين.

دلين ۾ رابطو آهي، تہ ڪهڙو فاصلن جو فرق،
پلي گهمندو رهي هو هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين.

ڪڪر ڪِيهون ڪري پيجندا ڏسي عاشق جي اکڙين کي،
ٿئي بادل جي جيڪر آشنائي چشم تر تائين.

محبت ۾ اِهو "مشتاق" جو معراج ٿي ويندو،
پڄي جي منهنجي پيشاني سجڻ جي سنگ در تائين.

.... هر مهرباني ياد آ..!

نازنين ناز و ادا جي هر نشاني ياد آ،
تنهنجي انگڙائي پرڻ واري جواني ياد آ.

نقش آهن دل مٿان خاموش لمحن جا خيال،
هي مقدس داستانِ زندگاني ياد آ.

غير آڏو برملا چوندي ڪهاڻي پيار جي،
تو ڪئي جا منهنجي دل جي ترجماني ياد آ.

حال اورينديِ گذاري رات جڏهن اک ڇنڀ ۾،
موڪلائي واري ساري لن تراني ياد آ.

خط لکڻ خبرون پڇڻ ۽ پيار سان پرچڻ رسڻ،
محب جي "مشتاق" تي هر مهرباني ياد آ.

...... لذت چنگ و رباب جي!

محبوب مه لقا جڻ تعبير خواب جي،
مون کان پڇو ٿا ڪهڙي خبر انتخاب جي،

دل جي خبر تہ سمجهي رڳو اهل دل سگهن،
بي ذوق کي خبرَ ڇا هن اضطراب جي.

هي تنهنجي ئي محبت جو ڪارنامو آ.
مون کي نہ ڏي ميار تون خانہ خراب جي.

زاهد کي زهد و تقويٰ ۾ ٿو اچي سرور،
آهي انوکي لذّت چنگ و رباب جي.

واعظ! تون پنهنجي پند و نصيحت کي بند ڪر،
هت موج ۾ آ محفل شوق و شباب جي.

گذري آ بي تڪلف توساڻ زندگي،
ڪهڙي ڪرين ٿو ڳالهڙي هاڻي حجاب جي.

ماڻهو تہ مون کي سمجهن ٿا پارسا مگر،
مون کي خبر آ پنهنجي عيب و ثواب جي.

"مشتاق" عمر ساري گذري فراق ۾،
ڏمڪي ڏيو ٿا هاڻي ڪهڙي عذاب جي.

.... اهڙي عبادت ڇڏي ڏي!

اجائي سجائي عداوت ڇڏي ڏي،
بُرن ساڻ سنگت ۽ صحبت ڇڏي ڏي

ڏئي هٿ ۾ هٿ قوم جي قاتلن سان،
شهيدن سان بيجا شرارت ڇڏي ڏي

رکين ٿو رقيبن سان اڄ وچ جو رستو
قريبن لئي ڪاري قيامت ڇڏي ڏي

نه جنهن دوستي ۾ ذرا پر خلوص،
منافق جي اهڙي محبت ڇڏي ڏي

ٿئي جيڪڏهن نفس جي پرورش ٿي،
رياڪاري واري رياضت ڇڏي ڏي

ڏسين جنهن ۾ نقصان ٿو عاقبت جو
ڪٽي لک لهي سا تجارت ڇڏي ڏي

اگر سوچ سجدن ۾ پئي سيم و زر جي،
ته "مشتاق" اهڙي عبادت ڇڏي ڏي

#### .... هر اک اشڪبار آهي..!

پريشاني جو عالم آهي، هر اک اشڪبار آهي،
جو آهي بيقرار آهي، جو آهي حال زار آهي.

امن جي ڌرتي تي ڪنهن ديو جو پاڇو ويو پئجي،
ويو لٽجي سڪون آهي، دلين ۾ انتشار آهي.

رڳو بحران ئي بحران آهن پنهنجي قسمت ۾،
اميدن جو گريبان چاڪ، دامن تار تار آهي.

چمن ۾ ناهہ سا رونق، نڪا خوشبو گلن ۾ آ،
خزان جي رنگ ۾ تشريف فرما ٿي بهار آهي.

شرافت اهليت ايمانداري موڪلائي وئي،
رڳو ڪرسي کي عزت آ، پلي ڇهڙو چمار آهي.

سچا ڦاهي چڙهن ٿا يا ٿين ٿا ڪاچ گولي جو،
هلي ٿو حڪم ڪوتن جو برو بااختيار آهي.

جتي آئين آمر جي هٿن ۾ آهي رانديڪو
اتي آئين ۽ قانون جو ڪهڙو وقار آهي.

عدالت خود هجي جنهن راڄ ۾ انصاف جي طالب،
اُنهي عدليه جي ڪهڙي فيصلي تي اعتبار آهي.

ڪري جمهوريت جو فيصلو بندوق جي نالي،
اِنهيءَ جمهوريت جي هٿ، عوامي اقتدار آهي.

خبر آهي تہ جو "مشتاق" ٻوليندو نشان ٿيندو
ڏنو هر دور هر منصور کي اعزازِ دار آهي.

.... هر بشر حيران ٿي ويندو..!

وفا جا عهد ٽوڙي خودبخود جو خان ٿي ويندو،
ڏسي انجام اُن جو هر بشر، حيران ٿي ويندو.

ملي نااهل کي مسند، بپا بحران ٿي ويندو،
چمن چڙهن حوالي ٿيو تہ پڪ ويران ٿي ويندو.

حيا ۽ شرم کان شيطان پيو شرمائجي ويندو،
جڏهن انسان دشمن، حضرت انسان ٿي ويندو.

ڪيو رستي کي رهزن پر خطر پر خار جا ٿي پيو،
قدم ڪٽبا تہ منزل جو ملڻ آسان ٿي پوندو.

ڏسڻ ۾ تو اچي مضبوط اندر کوکلو آهي،
ڪڍيا سون تير ترڪش مان زبون زندان ٿي ويندو.

جبل تيشي سان ڪٽبو پر، ڪپي فرهاد جو جذبو،
هجن دريا ۾ طوفان، پار ڪشتيبان ٿي ويندو.

هٽي نعرو ڪٽي تاريڪ شب ۾ شمع روشن جنهن،
انهيءَ تي پچو پچو قوم جو قربان ٿي ويندو.

نہ ڪالاباغ ٺهندو ۽ نڪي سنڌين کان سنڌ کسبي،
جڏهن رنگين پنهنجي خون سان مهران ٿي ويندو.

ابابيلن مثل ايمان وارا ڪڙ ڪندا ان تي،
حرم تي حملہ آور جيئن ڪو شيطان ٿي ويندو.

ڪڏهن قرباني ضايع ڪانہ ٿيندي سرفروشن جي،
خدا وٽ شاهدي لئي پيش خود قرآن ٿي ويندو.

دما دم مست چئي "مشتاق" مقتل ڏي روانو ٿي،
رڪاوٽ دور ٿي ويندي، سفر آسان ٿي ويندو.

..... منزل دور ناهہ...!

قافلا نڪتا تہ منزل دور ناهہ،
دريا اُڪري وڃبا ساحل دور ناهہ.

منهنجا هٿ هن جي گلي ڏي پيا وڌن،
هاڻي مون کان منهنجو قاتل دور ناهہ.

جيڪڏهن پنهنجي محبت آ سچي،
پل هجون ڪوهين پري، دل دور ناهہ.

تنهنجي منهنجي عشق جي واکاڻ ۾،
ٿي وڃن آيات نازل دور ناهہ.

دوست در پيتا ڏِئي "مشتاق" تو،
نيٺ منزل ٿيندي حاصل دور ناهہ.

..... موجود خنجر دست قاتل ۾.....!

قدم پنهنجا پيري آيو جڏهن محبوب محفل ۾،
خطا ٿيا هوش، ڪونهي فرق عاقل ۾ ۽ جاهل ۾.

ڪڏهن ناهي ڏٺي مون دوستوجادوگري اهڙي،
جو ڌڙڪي منهنجي سيني ۾، رهي دل يار جي دل ۾.

پروڙي ڪين سگهيا راز هرگز عشق وارن جا،
رهن مسرور موجن ۾ مگر مغموم ساحل ۾.

خبر ناهي تہ ڀيهر خون ناحق ڪيترا ٿيندا،
اڃان موجود آهي ساڳيو خنجر دستِ قاتل ۾.

طلب ڪي ٿا ڏين ترجيح محبوبن ملڻ بدران،
مسافر ٿي رهن "مشتاق" هر دم راه منزل ۾.

.... غلامي جو نظام آهي..!

سياهہ قانون کي آئين جو اعليٰ مقام آهي،
نئين انداز ۾ جمهوريت جو اهتمام آهي.

سياسي، اقتصادي ۽ سماجي حق تلف آهن،
هي آزادي جي نالي ۾ غلامي جو نظام آهي.

خبر ناهي تہ ڪهڙو حشر اهل ذوق جو ٿيندو
هتن ڪم ظرف جي ۾ گردش- مينا ۽ جام آهي.

زمانا مئي ۽ ميڪش جي اجان توهين ڇا ٿيندي،
حوالي ٿي ويو ڪم بخت جي ڪأس الڪرام آهي.

تعيّن سمت جو ٿيندو نہ رخ قبلي طرف هوندو
جڏهن خود راهہ کان بي راهہ پنهنجو پيش امام آهي.

ڏسي حالت چمن جي اڄ قفس جا ڏينهن ياد آيا،
بنايو گردشِ دوران غلامن جو غلام آهي.

وطن وارا ويا امن و امان انصاف سڀ لٽجي،
نہ عزت دار جي عزت، نہ ڪنهن جو ننگ نام آهي.

متان سمجهو تہ هي اڳتي هلي يڪتا گهُرَ ٿيندو
هي ناهي قطرهٔ باران، هي نطفهِ نا تمام آهي.

... هر شب شب برات..!

لاالِله تنهنجي ۾ پوشيده لڪين لات و منات،
تنهنجي اِلاّ الله ۾ آهن سمايل سومنات.

پارسائي جي لُبادي ۾ حرم جا پاسبان،
ڪيترا ناحق ڪرين صيد — حرم تو ڏينهن رات.

تنهنجي قول و فعل ۾ جڻ رات ڏينهن جو آ تضاد،
صورت انساني مگر سيرت ۾ شيطاني صفات.

عالمِ ملڪوت جي، ان بي خبر کي ڇا خبر،
جنهن جي نظرن ۾ فقط آهي جهانِ شش جهات.

سچ چوڻ ۽ سچ ٻڌڻ جي لاءِ دل گردو کپي،
آهي ابن الوقت جو مقصد رڳو قندو نبات.

تنهنجا سجدا بي حضور ۽ تنهنجو شيوه بت گري،
ورنہ مومن جي تہ هر شب آهي گويا شب برات.

عشق ريءَ ”مشتاق“ شرع و دين جڻ ڪاغذ جا گل،
جي ڪڇن پردا، وسيع آهي خدا جي ڪائنات.

......... نوازش جي نظر ساقي..!

ڪڏهن ٿيندي غلامن تي نوازش جي نظر ساقي،
گهران ٿو بس دلِ بيتاب ۽ دردِ جگر ساقي.

نگاهِ فيض ڪي جنبش ۾ آڻي پوءِ تماشا ڏس،
تہ ڪيئن تقدير بدلائي ڇڏي ٿي هڪ نظر ساقي.

هي ميخاني جو ناهي شان مستانا وڃن خالي،
نهي ٿو! تُنهنجا ديوانا هجن هيئن دربدر ساقي.

اکين جا لڙڪ خدمت ۾ ڪٽي آيس عقيدت سان،
اگر چاهين تہ قطرو قطرو ٿي ويندو گهُر ساقي.

غلامن تي غصو شانِ ڪريمي جي خلاف آهي،
شهنشاهن ڪي رکڻي پوندي آهي پنهنجي پَر ساقي.

شڪسته پر ڪي جي پرواز جي توفيق ٿو بخشين،
غبارِ راه منهنجي هوندا هي شمس و قمر ساقي.

انڌيرن ۾ ٿو ڀٽڪان، روشني جي جستجو آهي،
شبِ تاريڪ ۾ ايندو ڪڏهن نورِ سحر ساقي.

رهي "مشتاق" ڇو محروم ڪوءِ يار ۾ هوندي،
جڏهن آباد آهن تنهنجي دم سان جهنگ جهر ساقي.

..... اقرار سان گڏ انڪار ٺو ٺئي..!

دل کي سنڀال دوست جو ديدار ٿو ٿئي،
عاشق سان الفتن جو اظهار ٿو ٿئي.

جنّت ٿئي جهنم محبوب جي وڃڻ سان،
دوزخ حبيب آئي گلزار ٿو ٿئي.

جوين جي جوت جيسين پروان پڙ هزارين،
سرهاڻ بعد گل خود خس خار ٿو ٿئي.

ميخوار مست مئي جا آهن مدامي ليڪن،
لب يارجي تي مئي خود ميخوار ٿو ٿئي.

وارن کي ور ڏئي ٿو واري وجهي ڪلهن تي،
هِت سوز سور پر هُت سينگار ٿو ٿئي.

زردار مال زر گهر گهوري سجڻ جي سر تان،
پياري پرين جي پرت جو پينار ٿو ٿئي.

ناز و ادا کي سمجهڻ "مشتاق" آهي مشڪل،
اقرار ساڻ گڏ ڏس انڪار ٿو ٿئي.

..... ديدار سان مطلب ..!

نڪا اقرار جي خواهش، نڪو انڪار سان مطلب ،
اسان کي آ فقط دلدار جي ديدار سان مطلب.
نڪي تسبيح سان مطلب، نڪي زنار سان مطلب،
رهي ٿو عاشقن جو گيسوئي خمدار سان مطلب.
چيم ٻانهون ٻڌي، سھڻا مدايون معاف ڪر منھنجون،
خطا ڪر بخش ڪھڙو گفتو بسيار سان مطلب.
خوشي سان ڏک قبولي مان، رکان سک جون اميدون ٿو
ڏسو گل واسطي رکڻو پوي ٿو خار سان مطلب.
ڏسي تنھنجي عطا، پنھنجي خطا کي خير ٿو سمجھان،
نہ دوزخ جو اٿم خطرو نہ استغفار سان مطلب.
شفايابي شفا خاني لبن جي تان لکن ورتي،
ٿيس بيمار جو دلبر رکي بيمار سان مطلب.

هڻين تيرِ نظر، رستم هزارين تو هٽائين ٿو
ڀلا "مشتاق" لاغر لاءِ ڇو تلوار سان مطلب.

.... پهچي خبر آهستہ آهستہ... !

محبت جا تين ٿا سڀ سفر آهستہ آهستہ
اچن ٿا سمجھ ۾ اوکا اکر آهستہ آهستہ

بنا سوچڻ ۽ سمجھڻ جي اکيون ۽ دل و يا اڙجي،
مگر ظاهر ٿيا ان جا اثر آهستہ آهستہ

ملي مشڪل جڳھ تي سايهٔ ديوار جي ويجھو
ٿين ٿا سک سمورا دربدر آهستہ آهستہ

اجاڳا، بي قراري، حال زاري تي رهي هردم،
ٿئي ٿي خشڪ آخر چشم تر آهستہ آهستہ

صنم رخصت ڪرڻ ايندو تہ رخصت ساهہ پوءِ ٿيندو
هلي پئي نبض توڙي دل مگر آهستہ آهستہ

لڪڻ وارو نہ آهي مامرو عشق و محبت جو
وڃي هرهنڌ تي پهچي خبر آهستہ آهستہ

مريضِ عشق جي ناهي دوا حاذق حڪيمن وٽ،
پون ٿڪجي ٿا آخر چاره گر آهستہ آهستہ

وڇوڙي جي وڏي آ رات ورهين جي عذابن کان،
صدين کان پوءِ اچي ٿي هڪ سحر آهستہ آهستہ

بيابانن پهاڙن جهنگ جهر کي جهاڳڻو آهي،
ٿين ٿا همسفر شمس و قمر آهستہ آهستہ

وڏي مشڪل سان منزل تي پڄن ٿا نيٺ پانڌيئڙا،
اٿاگا پيچرا پسجن پڌر آهستہ آهستہ

رهن ٿا سلسلا سورن جا جاري عمر پر تائين،
ملي "مشتاق" الفت جو ثمر آهستہ آهستہ

.... اڻ تڻ آرزو مشڪل رهي!

عشق سان گڏ آبرو مشڪل رهي،
ريءَ جهوري جستجو مشڪل رهي.

رنگ بدلائي ٿي دنيا روز شب،
هي سياڻي هو بهو مشڪل رهي.

چوڏهين جو چنڊ آ ڏاڍو حسين،
پر هميشه خوبرو مشڪل رهي.

آڪرو هيٺڻ تي آهي ڪيترو
ڏاڍ آڏو ويڙهو مشڪل رهي.

عشق جي ڪشتي هميشه سير ۾،
سڄي سلامت ۽ چپو مشڪل رهي.

رسم جاري بي وفائي جي رهي،
ساڳي اُن تڻ، آرزو مشڪل رهي.

آشنا هڪ سان نگاهون ٿي وڃن،
هي نظر پوءِ چار سو مشڪل رهي.

تو اڪيلي سر سفر ڪرڻو پوي،
وات هن ۾ واهرو مشڪل رهي.

منزلن تي ٿا پڄن ”مشتاق“ مس،
هر مسافر سرخرو مشڪل رهي.

..... پرت جي پرولي ٿيٺ!

يار منهنجي جي سنڌي ٻولي ٿيٺ،
ماءُ جنهن ۾ ڏني تي لولي ٿيٺ.

سمجھ سياڻن جي ۾ اچي مشڪل،
پرت وارن جي آ پرولي ٿيٺ.

پاڻ سان گڏ رقيب ويهاري،
محب مون سان ڪئي ٺٺولي ٿيٺ.

حور غلمان جا دلاسا ڏئي،
عاشقن سان ڪئي مخولي ٿيٺ.

پاڻ مقتل ۾ مون کي ويهاري،
خوب کيڏڻ گهري ٿو هولي ٿيٺ.

من نهاري نماڻا نيڻ کڻي،
ان جي آڏو جهلي آ جهولي ٿيٺ.

تير تلوار کان به تيز تکي،
هُن جي اکڙين مان نڪتي گولي ٿيٺ.

مون کي ڏاهپ کپي نه چالاڪي،
تي وٺي هُن کي پوري پولي ٿيٺ.

واعدا پيار جا ڪري "مشتاق"،
هُن ڪئي مون سان اک مچولي ٿيٺ.

....... نگاهن جا فيصلا نه پڇ!

نينهن جا نيش ۽ نشا نه پڇ،
عقل ۽ هوش سڀ خطا نه پڇ.

جڻ پکي پڃري مان اڏامي ويا،
تيئن اڏامن تا حوصلا نه پڇ.

اڪ اڙائڻ ڪان دار پهچڻ تائين،
طي ٿين ٿا هي فاصلا نه پڇ.

ٺُهمتن ٺُند تيز طعنن جا،
ٿا جڙن سارا سلسلا نه پڇ.

سُڏ پوي پوءِ ٿي فرشتن کي،
دل جا اعلان برملا نه پڇ.

حسن جو انتخاب مشڪل آ،
پر نگاهن جا فيصلا نه پڇ.

درد خود ٿي پون دوا دل جي،
حل ٿين ٿا هي مرحلا نه پڇ.

يار سان جي نياڻو آهي،
عاشقن لاءِ ڪربلا نه پڇ.

عشق جي درسگاهه ۾ ”مشتاق“،
ٿي وئي تنهنجي داخلا نه پڇ.

.... ناصحا هي عاشقي آهي!

عشق اندر جي روشني آهي، زندگي جي بہ زندگي آهي،
گڏ تصور سان ناھ جي تصوير، سمجھ سوچن ۾ ڪجھ ڪمي آهي.

اشڪ برسات تي اٿا آهن، دل جي ڌرتي اڃان اُڃي آهي،
مون سڏي دل ۾ ان کي ويھاريو هو اڃان تائين اجنبي آهي.

چنڊ کي آهي چڙ لڳو گرهڻ، شوخ ڇهري تي برهمي آهي،
جت ٻري باھ هنڌ سوئي سڙي، ٻئي کي ڪھڙي خبر ڏکي آهي.

پيار جو ڏس پتو اهي ڏيندا، جن کي لوري اندر لڳي آهي،
منھنجي هر آرزو ۾ آهين تون، گل ۾ خوشبوءِ جيئن رچي آهي.

ان سان دل جو صحن اٿين چمڪي، چنڊ ۾ جھڙڪ چانڊني آهي،
دار کان تو ٻڌي اناالحق چئي، ڪوڙ جو ناھ ۽ نڳي آهي.

نيھن نقصان جو نٿو سوچي، ناصحا هي عاشقي آهي،
هاءِ "مشتاق" جا غزل سارا، يار جي لاءِ فارسي آهي.

... عادت عشق وارن جي ناهي!

جڏهن ڄاڻ خود جان نثارن جي ناهي،
هي عادت ادا عشق وارن جي ناهي.

رهن گودڙي ۾ لڪل لال جيڪي،
تنين کي غرض تاجدارن جي ناهي.

خزائن ۾ پيي خوش خرم جي رهن ٿا،
ڪا پرواهه تن کي بهارن جي ناهي.

ترڻ پنهنجي ٻانهن تي ڄاڻن ٿا جيڪي،
ضرورت انهن کي سهارن جي ناهي.

ڳُنن ۾ اچي قوم جي ڪشتي ڪڙڪي،
خبر ڪنهن کي ڪنڌي ڪنارن جي ناهي.

هر هڪ ٻوڙي ذاتي مفادن جي پويان،
ذرا سوچ قومي ادارن جي ناهي.

نہ ايندو ڪڏهن توکي سک ۽ سڪون،
اگر توکي سُڌ بي قرارن جي ناهي.

جتي ناهہ قانون ۽ قاعدو ڪو
اتي حيثيت حقدارن جي ناهي.

هي ڌرتي خدا جي امانت ئي سمجهو
نوابن وزيرن وڏيرن جي ناهي.

رڳو ڏينهن ڏون آهہ هي ڇهڇٽو بس،
هي رونق سدا چنڊ تارن جي ناهي.

انهيءَ ڌڻ جو ٿيندو پلا حشر ڪهڙو
خبر ڌڻ جي جيڪر ڌنارن کي ناهي.

هر هڪ ماڻهو ”مشتاق“ چڙ موتي داڻو
محبت رڳو ماهپارن جي ناهي.

..... رهبر ڪڏهن ڪڏهن!

ڪنهن قوم کي ملن ٿا رهبر ڪڏهن ڪڏهن،
پيدا ٿين ٿا لائق ليڊر ڪڏهن ڪڏهن.

برسات جا ڪروڙين قطرا ڪرن ٿا پر،
ڪنهن ڪنهن صدف ۾ ٿئي ٿو گوهر ڪڏهن ڪڏهن.

پٿرن مان هيرا پرکڻ هر ڪنهن جي وس نہ آ،
وينجهار يي ٿا ڪائن ٺوڪر ڪڏهن ڪڏهن.

دنيا دو رنگي، ناهي هڪ رنگ ۾ سدا،
سردار ٿي وڃن ٿا نوڪر ڪڏهن ڪڏهن.

هر آرزو هميشہ پوري نٿي ٿئي،
ڪنهن ساڻ بخت ٿئي ٿو ياور ڪڏهن ڪڏهن.

جنهن ساڻ ديس جا سڀ ڏک دور ٿي وڃن،
اهڙو وسي ٿو بادل گهر گهر ڪڏهن ڪڏهن.

هر هڪ ڪلي مان پيدا ٿئي ديده ور نٿو
نڪري اچي ٿو ڪنهن جو جوهر ڪڏهن ڪڏهن.

مشڪل جي وقت پئي ٿي مردانگي جي سڌ،
حالات هوندا آهن بهتر ڪڏهن ڪڏهن.

خط پٽ چنيون سنيها پهچن ٿا روز پر،
پورا ڪري ٿو وعدا دلبر ڪڏهن ڪڏهن.

منهنجي وفا جو ناهي جيڪر خيال اڄ،
احساس ٿيندو هن کي آخر ڪڏهن ڪڏهن.

”مشتاق“ دل ۾ خواهشون اڀرن هزار ٿيون،
پر ساٿ پنهنجو ڏئي ٿو مقدر ڪڏهن ڪڏهن.

## .... پر وفا شعار ڪپي!

زندگي کي سجڻ پيار ڪپي،
باغ کي جيئن رڳو بهار ڪپي.

يار هڪڙي نگه جو آهي سوال،
بيقرارن کي بس قرار ڪپي.

جان گروي ڪري ڏني ٻه اٿم،
پيو اڃا ڪهڙو اعتبار ڪپي.

آرزوئن جا گل نٽن نه نٽن،
عشق ۾ پر وفا شعار ڪپي.

هڪ گهڙي جي جدائي پوڳڻ لئي،
هڪ قيامت جو انتظار ڪپي.

سر جا سودا هتي ٿين ٿه پهه،
هت رڪت يا نٽي اڏار ڪپي.

سڏڙيا سو پتنگ ٿا سڏجن،
باهه پڙڪي ٿي، جان نثار ڪپي.

نانءُ "مشتاق" ٿا هزار رکن،
هڪ ڪپي ٿو نٽو هزارڙ ڪپي.

..... نہ ڪوئي راهبر آهي..!

بنا سالار جي هي قافلو راهہ سفر آهي،
نہ ڪوئي رهنما آهي نہ ڪوئي راهبر آهي.

اڙانگن پيچرن مان، ٻاٽ اونداهين ۾ هلڻو آ،
نہ سُڌ رستي جي آهي ۽ نہ سولو رهگذر آهي.

ڏسو هر موڙ تي رهزن ڪنيون هٿيار بيٺو آ،
چون ٿا هي محافظ آ، اهوئي هم سفر آهي.

وتون ٿا جهنگ جهر جهاڳيندا ڪنهن پتڪيل پليل وانگر،
پتو ڪو پنڌ جو ناهي نہ منزل جي خبر آهي.

هي آهي رڃ رائو جنهن کي سمجهون پاڻ ٿا پاڻي،
نہ آهي راهہ ۾ وڻراهہ نڪو ساڻي ثمر آهي.

پڇن ٿا قافلي وارا تہ ڪهڙو حشر ٿيڻو آ،
ڏسڻ ۾ آ تباهي پيو رڳو رب کي خبر آهي.

هي آهي ديس پنهنجو جنهن جي ڪشتي ۾ سوار آهيون،
جتي طوفان آهي بحر ۾ سامهون ڀنور آهي.

پڄي سگهندو ڪڏهن هي ڪاروان "مشتاق" منزل تي
نہ سونهون ساک وارو آ نہ ماڻهو معتبر آهي.

جنگ جنگ نہ ڪر! ..........

دوستي پيو نياءِ ڏنگ نہ ڪر،
روز ڇھري تي چار رنگ نہ ڪر.

پورڙا ڏينھن ٿورڙا آھن،
دور منزل آ پير لنگ نہ ڪر.

تنھنجي ڌرتي بہ تنگ ٿي ويندي،
ڪنھن کي تون خواہ مخواہ تنگ نہ ڪر.

صلح سُک سانت سان رھڻ گھرجي،
ھر ڪھين ساڻ جنگ جنگ نہ ڪر.

گفتگو اھڙي جا نہ ڪنھن کي وڻي،
بس يلي، رنگ ۾ تون ڀنگ نہ ڪر.

پرت وارن ساڻ ڪر پيار پلي،
ھر جڳھ پاڻ کي پتنگ نہ ڪر.

خون دل سان ڪيڏجي ھولي،
جان بدران ھي جل ترنگ نہ ڪر.

ستر آھي صفت ستار سندي،
ڪنھن جو ھرگز اگھاڙو انگ نہ ڪر.

ھر بشر آھي قدر جي لائق،
ھڪ بہ تي چار وارو انگ نہ ڪر.

محب "مشتاق" سان نہ ڪر ماٺا،
مون کي مشتاق ڪر، ملنگ نہ ڪر.

يار بيقرار ڪيو! .........

قرار منهنجو ڪسي يار بي قرر ڪيو،
نباهہ منهنجو ڏکن سان هزار بار ڪيو.

مصيبتن جي گهڙيءَ ۾ هيس شريڪ سفر،
جڏهن قريب ٿي منزل تہ يار ڌار ڪيو.

اُنهن کي ناهہ اجازت تہ باغ منجهہ اچن،
خزان جي دور ۾ جن هو چمن بهار ڪيو.

جنين جي خون سان تاريخ رقم ٿي پنهنجي،
انهن جي خون سان حاصل تو اقتدار ڪيو.

خبر نہ ٿي تہ ڪو رهبر بہ راهزن ٿيندو
انهن ئي ڏوکو ڏنو جن تي اعتبار ڪيو.

گهمن شهيد جا قاتل اڃان پيا آزاد،
اگرچہ قوم سان وعدو تو بار بار ڪيو.

قريب ساٿ ۾ جيڪي شهيد جي هردم،
تنين کان دوري جو رستو تو اختيار ڪيو.

وفا شعار جو ڪم آ وفا ڪندو ئي رهي،
جفا سان ناتو هميشه کان بار بار ڪيو.

سکون ناهي نصيبن ۾ ناصحا هاڻي،
پيار يار ڏئي دل کي بيقرار ڪيو.

اثر جفا جو نہ "مشتاق" تي ٿيو هرگز
خدا جو شڪر ڪيان جنهن وفا شعار ڪيو.

سور گڏجي پيا...!

حسن ۽ غرور گڏجي پيا،
عشق ساڻ سور گڏجي پيا.

دل خوشي منجهان نٿي ڏاپي،
اوچتو حضور گڏجي پيا.

بحث هو وفا جفا جو پر،
پنهنجا سڀ قصور گڏجي پيا.

من اندر ليو جو پاتو مون،
ها اکين کان دور، گڏجي پيا.

هن وڏي نگاهه ڪاوڙ مان،
رنج ۽ سرور گڏجي پيا.

محب ساڻ جيئڻ مليو "مشتاق"،
شوق ۽ شعور گڏجي پيا.

... دريا اکرڻا تا پون.

عشق ۾ آزار سهڻا تاپون،
آگ جا دريا اکرڻا تاپون.

تون متان سمجهين گلن جي سيج آ،
هت ڪنڊن تي پير رکڻا تا پون.

ننڊ نيڻن مان اڏامي تي وڃي،
درد و غم اندوهه ڏسڻا تا پون.

من اندر ٿا مچ محبت جا ٻرن،
ڪوري وانگر جيرا جلڻا ٿا پون.

هي رڳو سودو دلين جو ناهه دوست،
ساهه سر قربان ڪرڻا ٿا پون.

هر طرف ميڙا ملامت جا متل،
تيز طعنا تنڪا ٻڌڻا ٿا پون.

دشمني پنهنجن پروان جي ٿئي،
بي سبب گهر ٻار ڇڏڻا ٿا پون.

هڪ حبيب سان دل لڳائڻ جي ڪري،
جڳ سڄي سان ناتا ڇنڻا ٿا پون.

انتظار ۾ بي قراري جون گهڙيون،
ڇڙڪ مڳ سيني تي ذرڻا ٿا پون.

جي ڪري جانب جدايون ٿو ته پوءِ،
زهر جا ڍڪ روز پيڻا ٿاپون.

محب سان ميلاپ لئي "مشتاق" کي
رات ڏينهن اوجاڳا ڪرڻا ٿا پون.

نوري نظارن جهڙي..!

چانڊاڻ نہ آ چنڊ ۾ يارن جهڙي،
ڪاراڻ نہ آ رات ۾ وارن جهڙي

سرهاڻ گلن جي بہ پلي آهي مگر،
هٻڪار اچي هُن مان هزارن جهڙي

محبن کي لڳي شل نہ ڪڏهن ڪوسو واءُ،
ڏس تازگي چهري تي بهارن جهڙي

هُن سينڌ ڪيي وار ڪيا پنهنجا بہ اڄ،
هُوهوبهو سنڌو جي ڪنارن جهڙي

چڻ مينهن ڪان پوءِ رنگ نکيريا اندلٺ،
هر هن جي ادا نوري نظارن جهڙي

نرگس کي ڏنو آهي، غزالہ بہ ڏٺم،
اکڙين ۾ جهلڪ آهي خمارن جهڙي

دنيا جي حسينن ۾ هزارين خوبيون،
پر پرت نہ ڪنهن منجهہ پيارن جهڙي

لفظن نہ ڏنو ساٿ ملاقات محل،
ڪا ڳالهہ پلي ناهہ اشارن جهڙي

جي پير پوي عشق ۾ پنتي نہ ڪڏهن هٽ،
هي سوچ سڄڻ آهي خسارن جهڙي

"مشتاق" محبت ۾ آ سَهڻو سڀ ڪجهہ،
ڪڏ ڀڙڪ زبان مان نہ ميارن جهڙي

### ان تي اعتبار آهي..!

جفا جتي بہ هجي اُت وفا شمار آهي،
ازل کان آهي اجان تائين برقرار آهي.

نہ سوپ آهي هي ڪنهن جي نہ هار آهي،
انهيءَ جو نالو محبت، اهو پيار آهي.

ستم ۾ هن جي ڪڏهن ڪا ڪمي نہ آئي آ،
سهپ ۾ منهنجي ڪڏهن ڪونہ آيو ڏار آهي.

اسان ٻنهي ۾ زمانا ڏٺي ڪا ڪوتاهي،
تو آزمايو اسان کي هزار بار آهي.

هي جنگ ناهي، هي رشتو دلين سندو آهي،
هتي نہ تير هلي تو نڪا ترار آهي.

هتي نہ آهي ڪڏهن ڪا شراب جي محفل،
مگر نشي جو سرور آهہ ۽ خمار آهي.

خزان جو نانءُ ٻڌڻ ۾ نہ آيو آهي ڪڏهن،
ڏکن ۾ توڙي سکن ۾ هتي بهار آهي.

سڄڻ تہ ناهہ نڀايو ڪڏهن بہ وعدو پر،
اسان کي پوءِ بہ ان تي ئي اعتبار آهي.

عجيب آهي محبت جو سلسلو "مشتاق"
هتي اياز نہ محمود جو شمار آهي.

رنگين نظارا ڇڏبا...!

ٿي پرت پرين سان تہ پيارا ڇڏبا،
دامن جي جهليم تنهن جو سهارا ڇڏبا.

درياء جي موجن جو مزو آهي الڳ،
جي سير ۾ گهڙبو تہ ڪنارا ڇڏبا.

مون تنهنجي اکين جو آ ڏٺو جادو جڏهن،
جوڳين جا مکر منڊ ۽ ڊارا ڇڏبا.

دل دل سان ڪيو آهي سچڻ سودو نقد،
اوڌر ۾ رکت وارا خسارا ڇڏبا.

اکڙين سان اجاريان پيو اڱڻ تون ٿو اچين،
گهر صاف ڪرڻ وارا ٻهارا ڇڏبا.

هر حال ۾ ”مشتاق“ اوهان ساڻ جڙيل،
دنيا جا هي رنگين نظارا ڇڏبا.

........ داستان جان نثارن جا!

زمانا ڪارناما ڏس اڇي لبنان وارن جا،
لکيا تاريخ نئين سر داستان جن جان نثار جا.

ڏين ٿا جان جا جان آفرين کي روز نذرانا،
خزان ۾ پيي ڪيا منظر بپا رنگين بهارن جا.

قطارن تي قطارون هر طرف کان سرفروشن جون،
رهن ٿا منتظر هر وقت مقتل جي اشارن جا.

وسايا بم ۽ ميزائيل اسرائيل دل کولي،
خطا ڪيا حوصلا هر وقت حزب الله هچارن جا.

هيو ناقابل تسخير اسرائيل اڄ تائين،
مگر ڊوئي رهيو اڄ آهي هو لاشا پيارن جا.

يهودي فوج شعلا جنگ جا پڙڪايا آهن پر،
پهاڙن کان بہ اونچا حوصلا ٻڍڙن ۽ ٻارن جا.

فلسطين شام ۽ لبنان گڏجي جنگ جوٽيندا،
اشارا فتح جا ايندا فلڪ تان چنڊ تارن جا.

وري بغداد وارا معجزا لبان ۾ ڏسبا،
نظر ايندا نوان منظر شهيدن شهوارن جا.

جڏهن خون شهيدان سان ٿئي تي خاڪ جي نسبت،
فرشتن کان مٿي "مشتاق" رُتبا خاڪسارن جا.

## وقتي شفا مان ڇا ٿيندو!

خبر ناهي تہ پنهنجي قوم جي قسمت جو ڇا ٿيندو.
جڏهن خود غرض ليڊر ان جو رهبر رهنما ٿيندو.
نڪو عوام جو الڪو نڪا پرواهہ پنهنجن جي،
عدو جي چار ۾ ڪيسين هو مرغ مُدّعا ٿيندو.
جڏهن دشمن جو آ مقصود منزل منهنجي بربادي،
الائي هو ڪڏهن هِن سازشن کان آشنا ٿيندو.
گهُرن ٿا منهنجي ڌرتي تي ڪرڻ بي دست وپا مون کي،
خدا حامي، نبي ضامن، علي مشڪلڪشا ٿيندو.
فضا ۾ هر طرف پوسٽ ۽ گهبراهٽ جو عالم آ.
اِنهيءَ ماحول ۾ مردِ خدا ئي دلڪشا ٿيندو.
سرِ بازار وڪڻي سنڌ ۽ سنڌين جا حق جيڪو
سو اڳتي سنڌ ۽ سنڌين جي ڪهڙي ساهتا ٿيندو.
اکين آڏو اسان جي جنهن گذاري زندگي ساري،
پڏائي پاڻ کي هو ڪيستائين پارسا ٿيندو.
سموريون سازشون ۽ چال بازيون ختم ٿي وينديون،
خبر تن کي تڏهن ٿيندي جڏهن ليڪو صفا ٿيندو.

ڪٿيو ڪائيندا ڪيسيتائين هو وڏڙن جي نالن ۾،
جڏهن يومِ حساب آيو تہ پوءِ محشر بپا ٿيندو.
نہ ڏوڪو ڪاءِ نہ ڏوڪو ڏي اهو ڏوڪو دغا ٿيندو.
مرض جيئن ڪهنو ٿيندو ويندو آخر لا دوا ٿيندو.
رکي ڏس نبض تي هٿ قوم جي ڏڙڪن کي پرکڻ لئي،
ڪئي جي ختم خاموشي خداجي خلق، چا ٿيندو.
نہ ڏيو ڪوڙيون تَسَلِّيون قوم کي بس سادڙو سمجهي،
جڏهن بگڙي پئي جنتا تہ شام ڪربلا ٿيندو.
مرض هي لادوا ناهي مگر تفتيش اڻ پوري،
مفادن جو هجي سودو، نہ حاصل مُدعا ٿيندو.
دوا اهڙي هجي جنهن سان شفا ڪامل ٿئي حاصل،
طبيبِ مهربان وقتي شفا مان ڇا ڀلا ٿيندو.
اکيون ٻوتي ڪئي جن جي حمايت سنڌ جي ماڻهن،
ڀلا هي قرض سنڌين جو ڪڏهن تن کان ادا ٿيندو.
هو ڀڳڙن مٺ تي وڪڻ آيا آهن سنڌ سنڌين جي،
جڏهن ردِ عمل ٿيندو تہ پوءِ بي انتها ٿيندو.
رهي پنهنجن پراون کي نہ پرکڻ جي صلاحيت،
جو خود گمراه آ، ڪهڙو ٻين جو رهنما ٿيندو.
ڪراچي کان وٺي ڪشمور تائين مالڪي پنهنجي،
ڪري جو شڪ اهڙو دوست پيي دشمن نما ٿيندو.

مهر خاموشي جي چو منتخب مجلس جي منهن تي آ،
انهن مان نيت ڪو "مشتاق" هڪ مردِ خدا ٿيندو.

## خدا جي عبادت ڪٿي ڪجي..!

سرڪار جي ستم جي شڪايت ڪٿي ڪجي،
حقدار جي حقن جي حمايت ڪٿي ڪجي.

قاتل بہ پاڻ آهي منصف بہ آهي پاڻ،
هن خونِ رائگان جي حڪايت ڪٿي ڪجي.

مسجد خدا جي گهر ۾ ييي اڄ مسلڪن جا بت،
بي خوف ٿي خدا جي عبادت ڪٿي ڪجي.

هر هڪ گهڙي ٿو پنهنجي حق ۾ ئي فيصلو
بي لوث عدل لاءِ عدالت ڪٿي ڪجي.

ايمانداري آهي جنهن ديس ۾ عذاب،
سوچن ٿا ديندار ديانت ڪٿي ڪجي.

هر وار وار جسم جو زخمن سان چُور چُور،
مرهم پٽي ڪٿي ۽ جراحت ڪٿي ڪجي.

گهر گهر ۾ گويا منظر محشر جو هر طرف،
تشويش آ فلڪ تي قيامت ڪٿي ڪجي.

دنيا دورنگي آهہ رڳو آ منافقت،
ايمان پنهنجي کي بہ سلامت ڪٿي ڪجي.

جنهن جا محافظ آهن آمر يا جعلساز
آئين جي بڏايو حفاظت ڪٿي ڪجي.

آهن اسيمبلين ۾ جعلي نمائندا،
”مشتاق“ ميمبرن جي ملامت ڪٿي ڪجي.

## ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾....!!

شهيدن جو ويو رت رائگان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾،
پڇن اهلِ زمين ۽ آسمان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾.

هي آهي اهليت تنهنجي يا صدقو آ شهيدن جو
جو آهين بزم ۾ اڄ برجمان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾،

ڏني پوري ڪٽنب جي قوم لئي قرباني ڪنهن آهي،
ويو نازل ٿي ڪوئي ناگهان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾،

نہ قاتل ٿيا ڪٿهڙي ۾ نڪي فرياد داخل ٿيو
هي سارو الميو آ الامان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾.

خوشامندڙيا تہ خوش آهن، ڏنو جن ساٿ سورن ۾
سچن جو ناهہ ڪو نالو نشان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾.

هيا جت هنجهہ ات هيڙها، جتي ڪوئل اتي ڪبريون،
گلستان غمزده آ منهنجي جان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾.

شهيدن جي امانت آ جماعت جو جَٿو سارو
پريشان پير توڙي نوجوان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾.

ٿيا "مشتاق" اڄ محروم، موجن ۾ منافق سڀ،
نفعي کان ٻيي زياده آ زيانُ ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾.

## ڪمشنري نظام جي ڦيرڦار تبديلي وقت سنڌ جي پڪار

سنڌ ڇاون فيصلو ڪهڙو ڪيو ترميم جو
ڇڻ رکيو ڦيريون پٽر خود سنڌ جي تقسيم جو.

سنڌ ڇاوا ڪرسي خاطر سنڌ جا دشمن ٿيا،
سنڌي ٽوپي ۾ اهي غيرن جا ڇڻ ايجنٽ ها.

جيڪڏهن سنڌين ۾ غيرت آهي ڌرتي ماءُ جي،
داخلا ڪن بند پنهنجي گهر ۾ پاڙتي پاءُ جي.

جيڪو غيرن کي رکي راضي ٿو وڪٽي سنڌ کي،
ڪو قبوليندو نه جعفر مير جهڙي گند کي.

سنڌ ساري جو ڪراچي شهر سان ٿي شان آ،
حيدرآباد ان جي دل آ، گويا ان جي جان آ.

سنڌيو گڏجي ڪيو پي پي جو گهيرو تنگ اڄ،
سنڌ وارن کي پڪاري سنڌ جو ٿو ننگ اڄ.

سنڌ کي وڪڻڻ گهرن ٿا سنڌ جا غدار اڄ،
سنڌ جي دشمن بڻي آ سنڌ جي سرڪار اڄ.

چئن ڏينهن لئي حڪومت ڪي بچائڻ واسطي،
سنڌ ۽ سنڌين ڪي بي دردي سان ڪُٺو تو پوي

آيو مرڪز کان اهو پيغام آهي سنڌ کي،
سنڌ جي قرباني جو پيغام آهي سنڌ کي.

ناهي ڪرڻو اهڙي حاڪم جو ڪڏهن پيي انتخاب،
جو هٿن پنهنجن سان پنهنجن جو ڪري خانه خراب.

ڪنهن به آمر کان ٿيو آهي نه اهڙو فيصلو
جهڙو جمهوري حڪومت آندو سنڌ ۾ زلزلو.

قبر ۾ پيٽو شهيد ۽ بينظير اڄ بي قرار،
فيصلي اهڙي تي ماتم ڪن ٿا ماڻهو بيشمار.

چو اڃان خاموش آهن پنهنجا ميمبر ۽ وزير،
هئڙي هاڃي ۾ انهن جو ناهه ڇو زنده ضمير.

دين ۽ ايمان انهن جو آهه پي پي جي ٽڪيٽ،
هڪ ٽڪيٽ جي بدلي ڪن ٿا قوم جي قسمت کي پيٽ

سنڌ ۽ سنڌين جي مستقبل جو آهي هي سوال،
غور ڪريو آئنده نسلن جو ٿيندو ڪهڙو حال.

وئي وڪامي سنڌ آهي پنهنجي غدارن هٿان،
جاءِ ملندي سنڌ ۾ هاڻي پلا تن کي ڪٿان.

مصلحت خاطر اوهان اڄ پڻ اگر غافل رهيا،
سنڌ جي تاريخ ۾ جڻ سڀ جا سڀ قاتل ٿيا.

ٿي پڪاري سنڌ هر فرزند غيرتمند کي،
سنڌ تان قربان ڪريو پنهنجي جان ۽ جند کي.

سنڌ خاطر ڪرڻو آهي سارو ڪاروبار بند،
جيڪڏهن رکڻي سلامت آهي پنهنجي پياري سنڌ.

سنڌ ٿي تقسيم ويندي جيڪڏهن آهيون سٽل،
مصلحت خاطر يا ڪنهن جي خوف کان آهيون ڊنل.

اڄ پيا جاڳي سمورا سنڌ جا عالم اديب،
سنڌ جي آهي بقا ۾ سنڌ وارن جو نصيب.

سنڌ ڌرتي سان ڪيو سڀ سنڌ وارن هي وچن،
سنڌ خاطر آ ٻڌو سر ساڻ سردارن ڪفن.

جيستائين سنڌ جي ساڳي رهي صورت بحال،
تيستائين جاري رهندي سنڌ وارن جي ڌمال.

همسفر گهرجي..!

عشق بيباڪ بي خطر گهرجي،
آهہ ۾ باهہ جو اثر گهرجي.

حسن موجود هر جڳه آهي،
پر ڏسڻ لاءِ تي نظر گهرجي.

درد ڪان ڪا بہ دل نہ خالي آ،
ڪو رفوگر يا چاره گر گهرجي.

هر مرض جو علاج آ ممڪن،
پر معالج بہ معتبر گهرجي.

ڪوڪو ماڻھو آ ماڻھپي وارو،
ڪنهن ڪي ڪنهن ڪي سڏڻ بشر گھرجي.

ڏپ نہ دارو رسن جو ڏي هرگز
ناصحا! نينهن تو نڊر گھرجي.

راھزن راھبر سڏائن ٿا،
رھبري لاءِ راھبر گھرجي.

ٽوڙڻو جيڪڏھن جمود آھي،
ھڪ پٿر، موجزن لھر گھرجي.

بت پرستي ٿئي جي ڪعبي ۾،
ڪو خدا جو پيام بر گھرجي.

عشق جي راھ تي گھڙي پل لئي،
زندگي ڀر جو تو ثمر گھرجي.

درد دل جا سنيالي رک "مشتاق"،
ھر سفر لاءِ ھمسفر گھرجي.

# سَچّاروي غلام حسين ”مشتاق“

سنڌ جي سونهاري سر زمين جي مردم خيز خطي پاٽ شريف جي پاڙي ۾ ڳوٺ شهداد خان براهيماڻي ۾ غلام حسين ولد رئيس ٻڍو خان ١٠ مئي ١٩٣٧ع تي پيدا ٿيو. پنجن سالن جي عمر ۾ والد ماجد جي سايهءِ شفقت جي محرومي بعد والده ماجده جي شفقتن ۾ پرورش پاتي، پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري سنڌي فائينل امتيازي نمبرن سان پاس ڪئي. سنڌيونيورسٽي حيدرآباد مان ايم اي عربي (گولڊ ميڊل، سلور ميڊل) ايم اي اردو، ۽ ايل ايل بي فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪئي. درس نظامي جو فارغ تحصيل، عربي فارسي جو عالم فاضل آهي. ڏهه سال هاءِ اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ استاد رهيو. ١٩٦٨ع کان ١٩٧٨ع تائين پاڪستان آرمي ۾ ڪيپٽن جي عهدي تان ميڊيڪل گرائونڊ تي رٽائر ٿيو. انهيءَ دوران فيڊرل ايجوڪيشن منسٽري ۾ اسسٽنٽ ايجوڪيشنل ايڊوائيزر ۽ فارين اسٽوڊنٽ ايڊوائيزر طور ڊيپوٽيشن تي ڪم ڪيو. ڏهه سال ميرپور خاص ۾ فرسٽ ڪلاس اعزازي مئجسٽريٽ رهيو. انهيءَ دوران سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ميرپورخاص، فاران ڪلب انٽرنيشنل ميرپورخاص، لطيف ڪائونسل روٽري ڪلب ميرپور خاص ڊسٽرڪٽ ڊس ايبلڊ ۽ ريهيبليٽيشن سينٽر ميرپور خاص ۽ هلال احمر جهڙن ادارن جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو. پبلڪ اسڪول ميرپورخاص جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جو ميمبر ۽ ڪيترين ئي سماجي تنظيمن جو روح روان رهيو. ١٩٨٨ع کان ١٩٩٨ع تائين روزانه سرواڻ جي باني چيرمين چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر طور ڪم ڪيو. سال ١٩٨٠ع کان ماتحت عدليه ۽ ١٩٩٠ع کان عدالتِ عاليه جو ايڊوڪيٽ آهي. پندرهن سالن جي ڄمار ۾ قلم سان ناتو جوڙي شاعري شروع ڪئي. تحرير ۽ تقرير ۾ خداداد صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪيو. سندس قلمي پورهئي ۾ جامِ ڪوثر، آبِ ڪوثر، موتي مٽيادار، اکر اکر عشق، موتي مرجان، گلزارِ حبيب، سوز و ساز جا نغما، صحيفهِ عشق، سنڌي، سرائڪي، اردو، عربي ۽ فارسي شاعري جا نادر نمونا آهن. نثر ۾ آدابِ رسول الله ﷺ، معراج النبي ﷺ، حضرت علي رضي الله عنه جو نظامِ حڪومت، لوائح جامي جو منظوم ۽ نثري ترجمو ”اسلامي تصوف“ جهڙا ڪتاب سندس علمي ادبي خدمتن جو ثبوت آهن. انجمن آفتابِ ادب حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري طور فرائض سرانجام ڏيڻ ۽ علمي ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ تاحال جاري آهي. سندس رفيق حيات ايم اي پوليٽيڪل سائنس آهي ۽ اولاد ۾ پروفيسر ڊاڪٽر طٰهٰ حسين علي مهران يونيورسٽي آف انجنئرنگ ڄامشورو ۾ پروفيسر ۽ رجسٽرار آهي. ڊاڪٽر سعد حسين پٽ ۽ ڊاڪٽر سمن منگريو نياڻي ٻئي برطانيه ۾ ميڊيڪل ڊاڪٽر آهن. پاڻ سنڌ جي عظيم شهر حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي. شاعري ۾ پهريائين ”لاغر“ بعد ۾ ”مشتاق“ سچاروي جي نالي سان تخلص لکندو اچي. غزل ۽ نعت سندس محبوب موضوع آهن. تاحال قلمي پورهيو جاري آهي. الله ڪري زور قلم اور زياده.

# مصنف موصوف جي قلمي ڪاوش جو مختصر جائزو

**جامِ ڪوثر:** امام شرف الدين بوصيري جي شهرهٔ آفاق تصنيف "قصيده برده" جو سنڌي ۽ سرائڪي ۾ منظوم ترجمو. لفظن جي لغوي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان اهڙي طرح ڏنل جو عربي ڄاڻندڙ ۽ نه ڄاڻندڙ هڪ جهڙو حظ حاصل ڪري سگهن.

**آبِ ڪوثر:** سر زمين سنڌ جي عظيم فرزند مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ٻن عربي قصيدن "اَغِثْنِيْ يَا رَسُوْلَ اللهِ" ۽ "يَا سَالِكًا طُرُقَ الْمَدِيْنَةِ طَيِّبَةً" جو جام ڪوثر وانگر روان منظوم ترجمو، لفظي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان نهايت پرڪشش انداز ۾ پيش ڪيل.

**موتي مرجان:** سنڌي، سرائڪي ،اردو، فارسي، ۽ عربي ۾ موزون ۽ عام فهم شاعري جو پنجن ٻولين ۾ علمي ادبي گلدستو، جنهن ۾ حمد، نعت، مرثيو، غزل، نظم، مسدس، مخمس، قطعات ۽ رباعيات جو دلپذير مجموعو موجود آهي.

**اکر اکر عشق:** سنڌي ٻوليءَ ۾ غزلن جو اهڙو گلدستو جنهن کي پڙهڻ سان هر قاري ائين محسوس ڪندو ته هي سندس اندر جو آواز آهي.

**موتي مٽيادار:** حمدِ باري تعاليٰ ۽ نعت نبي ﷺ تي شامل سوزسڪ، عشق و محبت، ادب ۽ احترام جي ڀرپور اظهار جو شاهڪار. عاشقانِ رسول الله ﷺ لاءِ ناياب تحفو.

**آدابِ رسول الله ﷺ:** آيات قرآني، احاديث نبوي، اقوال ۽ آثار صحابه، ائمه دين ۽ عاشقانِ رسول ﷺ جي اقوال زرين سان سينگاريل ايمان افروز ڪتاب، هر مسلمان جي ضرورت.

**معراج النبي ﷺ:** شبِ معراج جي عظيم واقعي ۽ معجزي جي قرآن مجيد جي تفسيرن، احاديث جي روايتن، سيرت ۽ تاريخ جي مستند ڪتابن جي حوالي سان هڪ تحقيقي ڪاوش.

**گلزارِ حبيب:** نعتيه ڪلام، سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ چيل مولود ۽ نعت جو محبت ڀريو مواد.

**حضرت علي (عليه السلام) جو نظامِ حڪومت:** باب العلم، خليفهِ چهارم حضرت علي عليه السلام جي اسلامي مملڪت لاءِ نازڪ دور ۾ ڪيل لازوال ۽ بي مثال نظامِ حڪومت جو ذڪر.

**سوزو ساز جا نغما:** نظم، قطعات، رباعيات، مخمس، مسدس جي شاعرانه صنفن ۾ بي شمار خوبين سان سهيڙيل اهڙو مجموعو جنهن کي پڙهڻ بنا رهي نٿو سگهجي.

**صحيفهٔ عشق:** اردو ۽ فارسي ڪلام جو غزل، نظم، ۽ قطعات تي مشتمل مجموعو. هن کان علاوه حضرت مولانا عبدالرحمٰن جامي جي تصوف واري شاهڪار "لوائح (فارسي)" جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو سليس سمجهاڻي سان ۽ "اسلامي تصوف" نالي سان ڪتابن جو مواد آخري مرحلن ۾ آهي. اميد ته عنقريب پڙهندڙن جي هٿ ۾ هوندو.

